

ليکڪ - ڪرشن چندر

مترجم - سندري ام چنڊائي

# پياسي ڌرتي
# پياسي دلڙيون

ناريءَ پبليڪيشن جو چوڏهون ڪتاب

# پياسي ڌرتي پياسي دلڙيون

## ناول

ليکڪ:

**ڪرشن چندر**

ترجمان:

**سندري اتمچنداڻي**

ناري پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ.

1986ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپو پهريون: (انڊيا) مارچ 1969

ڇاپو: ٻيون: (سنڌ)

آگسٽ 1986

ڳاڻيٽو: هڪ هزار

سر ورق: فتاح هاليپوٽو

لکپڙهه جي ايڊريس:

پوسٽ باڪس نمبر 15، حيدرآباد سنڌ.

قيمت: [redacted]

ڇپائيندڙ:

نذير ناز

پاران ناري پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏونگر ڏونگر ڏوريم توکي

سهڻي ڪيس جهنگلي ڪري سڏيندا هئا. هو مضبوط ۽ سڊول بدن وارو جوان هو. وڏوالو، ذري ذري ڪلندڙ، آوارا ۽ بي فڪر انسان هو پنهنجي ڪسان پيءُ وانگر، جهنگلي پنهنجو پاڻ کي ڍڳن وانگر ٻنيءَ سان ٻڌي نه سگهيو. جهنگليءَ کي پنهنجو جهنگل ئي پيارو هو. هن جو ڳوٺ جنهن ٽڪريءَ تي ٻڌل هو، اُنهي مٿان گهاٽو جهنگل هو ۽ هيٺ پهاڙي ڪناري وٽان هڪ موڙن لنگهڻ جو رستو هو.

هو مست هرڻن ۽ هرڻين کي ڇرڪندو ڏسندو هو ته بي اختيار پنهنجا چپ ڪٽي ٻنسريءَ سان لڳائيندو هو. ٻنسري وڄائڻ ۾ ڳوٺ ڀر ۾ ڪوئي ٻيلهس ثاني نه هو. هونءَ ته جهنگلي ٻنيءَ تي ڪم نه ڪندو هو ته ڳوناڻي، پٽس کي طعنا هڻندا هئا، پر جڏهن ٻنسري ٻڌندا هئا، تڏهن سندس سڀ گناهه معاف ڪري ڇڏيندا هئا. انهين نه سمجهو ڪو بيڪار جوان نه ڪونه هو. پيءُ بيمار هوندو هو ته ٻنيءَ پاڻ ئي سنڀاليندو هو، ڪڻڪ ڪانئيون ڪري ايندو هو، ڏڳڻ !!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهنگلي سندن ننڍڙا گهڻو وقت سڃي نه سگهندو
هو. ٻهراڻ نه ابت ٻاڄي ويندو هو، پر پوءِ جڏهن
جوانڙن جي ڇيڙ ڇاڙ ڪجهه وڌي ويندي هئي، تڏهن
اُنان ڀڄي ويندو هو ۽ ڇوڪرن سان زور زور سان سڏ
ڪري چوندا هئا، "جهنگلي!"

ڳوٺ کان گهڻو هيٺ لڙائيءَ ۾، موڙن جي رستي
وٽ گدگوءَ جو ڇانهه جو دڪان هو. جهنگلي روز ڪيس
ڪانئين جي پري ڏيئي ويندو هو. سوٽ ۾ اُونهاري
۾ ٻي آنا ۽ سياري ۾ چار آنا روز ملندا هئس. ڇانهه
جو ڪوپ مفت ۾ ملندو هوس.

بهار جي هڪ صبح جو، ڪانئين لاءِ ويندي،
جهنگلي ڪهاڙي پنهنجان ڪاڪهي ۾ لٽڪائي، وڻي بسري
وڄائڻ شروع ڪئي. للاءَ لي ويندڙ جوانڙن جي اَنگ
اَنگ ۾ بسريءَ جي ڀڪار ڇيي ويئي. هاءِ! هاڻ
وڃاريون پاٽيءَ سان پريل مٽڪا کيڻ ڪڍن.

نمبردار جي سونهري وارن واري ڌيءَ، پريل
گهڙي مٿان ڪمان وانگر اُڀي ٿي سڏيو، "اَڙي او
جهنگلي، گهڙو نه ڪٽاءِ." جهنگلي ٻمب پهڻ ٿي ويو.
هن نيزاريءَ سان چيو، "اڃ نه." بس جهنگلي اُتي
ڊڪ پائي. ڊ ڪندو ڊ ڪندو اکين کان اوجهل ٿي
ويو. "ڪمبخت جهنگلي، بس جهنگلي ئي آهي،"
چوندي ڇوڪري للاءَ جي پاٽيءَ کي ٺڪر هڻي، ڇنڊيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦهلائي، ڳهڙو متي ڪٽي ورلو.

مهجبهجا پڻ پهر ٽڏري ويا. جهنگلي اجهاٽا ٽانئين ڪانئيون ڪوڙڻ پر مشغول هو. هن جو هٿيو تيب بيو هو. انڪري سخت ڪاٽ ڪيپيدي، جهنگلي پگهر ۾ شل ٿي ويو هو، پر کيس ڏاڍو مزو ٿي پيئي آيو. اوچتو ڪنهن اچي سندس ڪلهن تي هٿ رکيو. جان ڪٽي نهاري ته چاچي!

"چاهي؟"

"پٽهي کي ٽانگ ڏنگيو آهي." هو زمين تي جهڪي پيئي ۽ اچي رتڻ پر چٽڪي. جهنگلي کي پهرين ئي سڌ پئجي ڏسندو رهيو. پر پوءِ ڪهاڙي ته اتي ئي ڇڏي اٿي پيو.

ڳوٺ اندر گهرندي، ڪٽ جهڪيل هارين رستو ڏنس. پڇيائين، "بابو ڪٿي آهي؟"

چيائونس، "وڏيري جي در ٻاهران اڪروٽ جي وڻ هيٺان."

جهنگلي طوفان ٿيندو گرجندو پيو، "بابا بابا مان اچان پيو......"

اڪروٽ جي وڻ هيٺان بابس پيو هو. سچو ٿي نيرو ٿي ويو هو. هاڻ سرج چڙهڻ شروع ٿي هئي. جهنگلي اهڙيءَ کيس ٻنهي ٻانهن ۾ ڪٽي ورلو. "بابا بابا ڪو ٿي ٿيو آهي، مهجبا بابا!..."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيءَ جي لاش کي ڪلهي تي کڻي، جهنگليءَ اچي
گهر جي ڪکن ڪانن واري فرش تي رکيو. چاچيءَ
چيس، ”گهر ۾ ته ڪک به ڪونهي. ڇڪيا لاءِ ڳپهه،
چا مان آڻيندو؟ ڪافور ڪپڙو، ونبو، گنگا جل ڪٿان
آڻيندو...؟“

”مونکي ته ڪا، خبر ڪانهي،“ جهنگليءَ ڏاڍيءَ
بيوسيءَ سان جواب ڏنو.

چاچيءَ چيو، ”مون ٻاڀڻ جي لوليءِ پنڊتجيءَ کي
ڏيئي ڇڏي آهي. هو انهن شين جو پاڻيهي انتظام ڪندو.“
”تو چڱو ڪيو،“ چوندي جهنگليءَ محسوس ڪيو
سندس وڏو بوجهه لهي ويو.

چاچيءَ چيو، ”ڪوري ٻافتي جي چادر به نه
ڪبندي.“ ڪاٺ جي پراڻي پيتي طرف اشارو ڪري
چيائين، ”هن ۾ هڪڙو چانديءَ جو ڪڙو پيو هو.
تنهنجي ماءُ جي پڳاڙيءَ جي نشاني آهي. اهو وڪڻي
کڻي چادر ونبي، پر ڪانيون ڪٿان آڻيندين؟“

جهنگليءَ کي يڪدم ڪجهه ياد اچي ويو. هو ورڻ
۾ کهاڙي لٽڪائي آيو هو. اُلي ڪڙي ڪميائين. چاچي
ڳالهه کي سمجهي ويئي ته به زور سان چيائين، ”اُڇا، اڄ
سگهيڙو، شام تائين آرلي ضرور ڪجي وڃڻ ڪپي.“

جهنگليءَ کي کهڙي خبر هئي ته سندس ٻيءَ هر
ناهڻ لاءِ جيڪي مضبوط ڪانيون کپڻ لاءِ چيون هيون،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿِن سان، ٻيءَ جي اَرٿي جلائڻي پوندي‌س. جڏهن
ڪانئن جي وڏي شاهي ٻري ڪٺي مونيو، تڏهن
چاچيءَ چيو، ”هاڻي برادريءَ جي ڪانئي ... پنهنجا
ڪٺان ٿيندو. ٻانهڻ کي ڏڪڻا ڪنان ڏيئي، مرتيءَ وچڻ
واري ته اهو سڀ سوچيو به ڪونه.“ جهنگليءَ سوچيو،
”سچ پچ بابي کي ڪجهه سوچڻ کپندو هو. پس انهن
ني مرتيءَ وهوا؟“

مهاجن چيو، ”چاچي! تون ڪوبه فڪر نه ڪر.
سرڳيءَ جي ڪريا ڪرم جو سڄو خرچ، برادريءَ کي
کارائڻ، شراڌ چاهي، ٻيو سڀ ڌرم ڪرم مان ئي
ڪندس.“

”دياڻو آهيو توهين،“ چاچي همت ٻڌي چيو، ”مرڻ
کي ته ڪوئي به مري ٿو وڃي، مگر هاڻي سندس
ڪرياڪرم سٺو ٿيندو. اهائي چڱي ڳالهه آهي. نه ته
روح پيو ڀٽڪيس ها.“

مهاجن چيو، ”ليڪن عيوضي ۾ سندس ٻڌي ڏيڍگا
سو مان ڪٽيندو سانڍو“ ۽ جهنگلي ڏانهن منهن ڪري
چيائين، ”پٺهي شاديءَ ۾ ادائي سؤ قرض ورتو هو،
مؤر نه چڙهو ٻر وياج به ڪونه مليو آهي، اچا تائين.“

زندگيءَ ڀر قرضي رهڻ ڳوٺاڻي زندگيءَ جو دستور
آهي. جهنگلي خاموش ٻيٺو هو.

مهاجن وري چيو، ”پلا چوڙي وڃان نه ڏيڍگا؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهنگليءَ چپ چاپ ٻڌي ٻڪرن جون رسيون کليءَ مان ڇوڙي اچي مهاجن کي ڦڪڙايون.

مهاجن نوڙيون هٿ ۾ جهلي چيو، ”جهنگلي! مرڻ کي ڏاڍو ڏک آهي، جو تنهنجي پيءُ کي نانگ ڏنگي ماريو.“

جهنگلي مٿو ڪنڌ ۾ رهيو. جيڪو پيءُ جي موت تي نه رنو، سو ٻڪرين جي هلڻي وڃڻ تي ڪيئن روئي! گهر مان لوڻي ويئي، ماءُ جو آخرين ڳڙو ويو، سارو سامان ويو، ٻر جهنگليءَ ڳوڙهو ڪين ڳاڙيو. ليڪن جڏهن ٻهل ڇڪيا جلائڻ کان اڳ مٿو ڪوڙجڻ ٻهل وارن کي جهوليءَ ۾ ڪرندو ڏٺائين، تڏهن اوچتو اوچتو محسوس ڪيائين ته هاڻي هو دنيا ۾ بس اڪيلو رهجي ويو آهي؛ ڇهر ڇهر ڪري ڳوڙها ڪرڻ لڳس.

جڏهن ٻارهون وغيره سڀ ڪريا ڪرم پوري ويو تڏهن چاچيءَ چيو، ”جهنگلي هاڻي پنهنجي ٻڍي سنڀال مان توکي ڪيستائين گهر ۾ وهاري ويٺي کارائيندس.“

”ٻڪريون ته مهاجن کڻي ويو“ جهنگليءَ آهستي هٻڪي هٻڪي چيو.

”ته وڃي ٻيري پٽي، آزي نيزاري ڪري ٻه ٻا وٺي اچيس.“

” مرڻ کان ڪنهن کي ٻيري پٽڻ ڪين ايندو.“

”ته وڃي ٻڪ مر،“ چوندي چاچي پڻ پڻ ڪندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلي ويئي.

جهنگلي پهرين ته ماڻ ڪيو گهر ۾ ويٺو رهيو، ليڪن جڏهن چاچي نه موٽي، تڏهن اٿي مهاجن وٽ ويو. مهاجن ڏٺو ته ڪونه ڏنا پاڻ ۾ آڱوٺن جون صحيون ڏيکاري چيائين، "پٺهي اَدا کي ٻه سؤ قرض وٺڻ مهل ضمانت ڏني هئي."

جهنگليءَ چيو، "پر اَدا ته هاڻي هن ڳوٺ ۾ آهيئي ڪونه."

مهاجن چيو، "سو ڇا، ان ڪري قرض ڪونه ليو ڇا؟ هاڻي ڪل وياج سوڌا ساڍا چار سؤ ٿا ٿين. پيءُ جو قرض نه چڪائيندين؟"

"ها ها، پائي پائي چڪائي ڏيندس،" جهنگليءَ چيو، "پر اَدا جو ڪو ڏس پتو ته ڏي."

مهاجن هڪ پراڻو لفافو ڪڍي ڏنس ۽ چيس ته، "ٻه سال ٿيا جو اهو بمبئيءَ مان آيو هو. ان تي هنجو پتو لکيل آهي." جهنگليءَ اهو لفافو حفاظت سان کيسي ۾ وجهي ڇانهه واري گنگوءَ جي دڪان تي آيو. گنگوءَ کيس ڇانهه پياري. گنگوءَ جو ڪم بمبئي ويندڙ لارين جي ڊرائيورن ۽ ڪليئرن سان پيو پوندو هو. ان ڪري کيس سيني کان سياڻو سمجهيو ويندو هو.

جهنگليءَ جو ته منجهس اَڻوٽ وشواس هو. رکي رکي گنگوءَ کان پڇيائين، "بمبئي شهر هتان ڪيترو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري آهي؟"

"ڊرائيور چوڻدا آهن ته هزار ميل پري آهي. اُتي ته ماڻهو به پيا هوا تي اُڏامندا آهن. چوندا آهن ته انهن جا گهر بجليءَ جي تارن تي پيا ڊوڙندا آهن."

"سچ!" جهنگليءَ جو اکيون ڦاٽي ويئون.

"ڊرائيور مون سان ڪيئن ڪوڙ ڳالهائيندا؟"

"پلا بمبئيءَ ۾ ڪهڙي ذات جي ماڻهوءَ کي ڪم ڏيندا آهن؟"

"اُتي اُلي ته ڪم ايترو آهي، جو نه نه ڪمن لاءِ هڪڙو ماڻهو به مشڪل ملندو آهي. سڀ ماڻهو اڇا ڪپڙا پائيندا. ڏينهن ۾ پنج پنج پيرا نه ڪاڌو کائين."

"پنج پيرا کاڌو؟ پلا هتان بمبئي ڪيئن وڃي سگهبو آهي؟"

"هتان سڌو وڃبو پهاڙ ڪري. اُتان جلندر، اُتان وري دهليءَ ۽ دهليءَ کان پوءِ، سڌو بمبئيءَ. لاريءَ وارن کي بمبئي پهچڻ ۾ ڏهه پندرهن ڏينهن لڳندا آهن."

"پر لاريءَ وارا پئسا نه وٺندا هوندا؟"

"نه ته ڇا مفت ڪٽي ويندءِ؟" ڪنگوءَ ننوليءَ ڏانهن مرڪي لڳو.

جهنگلي چپ ٿي ويو. سندس نگاهن ۾ بجلي

لارن تي هلندڙ گهر پئي ڦريا. اُتي اندر ويٺل ماڻهن ڇانهه پئي پيتي؛ کيس پئي اِشارا ڪيائون. جهنگلي سوچڻ ۾ کوهجي ويو...

ٻئي ڏينهن تي جهنگلي پناهه ڪوٽ ويندڙ لاريءَ واري رستي تي آهو. هٿ ۾ لٺ، مٿي تـي لوئي، ڪلهي تي هڪڙي ننڍڙي هڙ هئس.

اَٽڪل ٽيهريءَ جو، کيس ان رستي تـي هڪڙي مال سان ڀريل لاري ملي، جنهن کي ٽن ماڻهن ٻـڌي ڏڪيو. واجهو ويو ته هڪ جٽي پڇيس، ”اڙي ڀاڙي ڪيڏانهن پيو وڃين؟“

”پناهه ڪوٽ.“

”هن لاريءَ ۾ هلندين؟“

”وٺي هلندا ته وڏي مهرباني.“

”ته لڳاءِ زور لاريءَ کي. ڌڪو ڏي ته وڃي هلونءِ.“

”پر مون وٽ ڀاڙو ته ڪونهي.“

”مفت وٺي هلنداسونءِ، زور ته لڳاءِ.“

لاري ڏاڍي ڳوري هئي، پر جهنگلي بـ بهادر هو. خوب زور لڳايائين. ٻين ٽن به گهڻو زور لڳايو. نيٺ اِنجڻ هلي. لاريءَ وارا ٽپ ڏئي مٿس چڙهي ويٺا. ليڪن جهنگليءَ کي ڌڪي ڇڏيائون، ”هل ڙي هل. سالو لاريءَ ۾ چڙهي ٿو پناهه ڪوٽ وڃي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهنگلي، روڊ تي ڪري پيو. ٻه منٽون ٻيهري اُٿي لاريءَ پٺيان ڊُڪيو. مگر لاري ته اک ڇنڀ ۾ ڪوهه لتاڙي ويئي.

هلندي هلندي جهنگلي ٿڪ ۽ بک کان ويا ڪل، هڪ هنڌ ويهي رهيو. اُفق جي لالاڻ، ڪاري رات ۾ بدلجي ويئي. پري پري گدڙ اونائڻ لڳا. جهنگليءَ صبح لاءِ ڪجهه نه کاڌو هو. هن چوڌاري نظر ڊوڙائي ته کيس ٿورو پريان هڪ ساڌوءَ ڌوڻي ۾ آيو جو دونهين دکايو ويٺو هو. جهنگلي هن وٽ پهچي ڏنڊوت پرنام ڪيو. ساڌوءَ ٿوري اک کولي هن ڏانهن ڏٺو ۽ پڇيو، ”بچا ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”بمبئيءَ.“

”بمبئي ڇو ٿو وڃين.“

”ڇو ته مون وٽ ٻه ڏڳا ڪونهن.“

ساڌوءَ عجب ۾ پنهنجيون ڀروون اکيون کوليون ۽ پڇيائينس، ”بمبئيءَ جو ڍڍ سان ڪهڙو واسطو؟“

جهنگليءَ پنهنجو سارو حال ساڌوءَ کي ٻڌايو. ساڌوءَ پڇيس، ”بچا اوکي بک لڳي هوندي؟“

”مهراج توهانکي ڪيئن خبر پيئي؟“ جهنگليءَ عجب ۾ پڇيو.

”ساڌوءَ جي من ۾ گيان آهي، هن کي سڀ جو ڌيان رهندو آهي.“ ائين چئي ساڌوءَ پنهنجي ڳوٿريءَ مان هڪ روٽيءَ ٽڪر ۽ ٿورا مرچ ڪڍي، جهنگليءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڏنا. ”وڃ ٻچا ڪاٺ.“

جهنگليءَ روئي ٻيهي هٿن ۾ وٺي، جهڪي ساڌوءَ کي نمسڪار ڪيو. جڏهن جهنگليءَ روٽي ڪائي پوري ڪئي، تڏهن ساڌوءَ چيس ته ”هن ڪرمنڊل ۾ تولاءِ پاڻي پيل آهي.“

جهنگلي پاڻي پي اچي ساڌوءَ جي چرنن ۾ ويٺو. ويٺي ويٺي کيس جهوٽــا اچڻ لڳا. ساڌوءَ پڇيس، ”ٻچا توکي ننڊ ٿي اچي؟“

”ها.“

”نه سمهي پئه.“

”ءِ مهراج توهين؟“

”اسين جاڳندا آهيون. جيستائين، هو سنسار جي سنڀال ڪندڙ جاڳندو آهي، تيستائين اسين به جاڳندا آهيون. مگر تون گرهستي آهين، توکي ننڊ اچي ٿي، سمهي پئه.“

جهنگليءَ هيڏانهن هوڏانهن نهاري چيو، ”مهراج، هتي ڪو شينهن چيتو......“

ساڌوءَ هلڪي وڇڙ ڪئي چيو، ”پٽ چنتا نه ڪر، هن ڌرتيءَ جي پرسان آرام سان سمهي پئه. جيڪڏهن ڪو شينهن چيتو ايندو ته اسان جي هڪ ٿي نظر سان ڀسم ٿي ويندو. هي، جتي جوڳيءَ جو ڏيرو آهي. هتي نه ڪوئي ڪنهنجو آهي، نه منهنجو آهي.“

جهنگليءَ کي جوڳيءَ جي ڳالهه تي وشواس اچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو. هو ٻڪدم هنکي ٻرٽام ڪري ڳنڙي رکـــي، ڪمبل وجهي سمهي پيو. صبح جو جڏهن اٿيو ته نــ ساڻو هو نه ڏنهين هئي. سندس ڳنڙي ۽ لوئي ٻه گم هيون.

سڙڪ ڏاڍي سخت ۽ سڌي سنئين هئي. جهنگلي پهاڙي ور وڪڙ وارن رستن لي هلڻ جـــو عادي هو، جيڪي ڪڏهن جهرڻن وٽ ته ڪڏهن ڪاهين ماڻرين وٽ، اچي پورا ٿيندا هئا. ليڪن هيءَ سڙڪ ته ختم ٿي نـــ پئي ٿـي. هلندي پئي رهي، ماڻهوءَ جي نراشا وانگر. هونءَ ته جهنگلي پهاڙي رستن تي هلندو ٿڪبو ٿي نه هو، پر هن سڙڪ تي ڪي ميل هلندي ئـــي هو ٿڪجي پيو.

ساڻو هن جي ڳنڙي، لوئي ۽ ڪمبل کڻي ويو، پر ٻسري ٻچي وئي هئس. سا به شايد ان ڪري جـــو چيلهه ۾ چاقوءَ سان ڳنڍ ٻڌل هئس.

هاڻي هو ٻسري وڄائيندو هليو. بهار جـــي موسم هئي. فضا نهايت خـــوشگوار هئي. هلندي هـــلندي ڏٺائين ته ٻنين ۾ هاري ٻه هن جي ڌن تي جهومـــي رهيا آهن. لاريءَ وارن پنهنجي لاريءَ جي رفتار ٻه ڍلي ڪري ڇڏي ۽ اها جهنگليءَ سان ڳنڍ هلڻ لڳي. ڊرائيور هن ڏانهن هڪ آنو اڇلي چيو، ”شاباس، پنهنجي ٻسريءَ ۾ ته غضب جو جادو آهي.“ ائـــين چوندي لاري اڳتي وڌي هليو ويو.

جهنگليءَ هڪ آني کي لت هڻين لـ وڃي ڪٽي جو ڪٽي پيو. جهنگليءَ جا پير ٻسريءَ جي ڏن تي نچندا وڌندا رهيا ۽ انين رستو آسانـــيءَ سان ڪـٽبو رهـيو. ٿـــورو پرڀـــان وڻ هيٺ هنڪي هڪ ڪرڙو شخص نظر آيو. هنجي ٻهي ڪنن ۾ پتل جون واليون هيون. سندس اکيون وڏيون بـــي آرام ۽ چالاڪيءَ ڀريون هيون. ڇهري تي هڪ آزمودگار مرڪ هئس. ڇمن ۾ ڪجهه ڳنڱماڻي رهيو هو. جهنگلي، ڪجهه آسائش ڪرڻ جي لحاظ کان وڻ جي هينان ويهي رهيو. هن شخص ڇگيءَ طرح ڏسي مرڪي چيو، ”جوان ڪيڏانهن سڌيرَ يو آهين.“

”پناڻ ڪوٽ.“

”پيري پند.“

”ها.“

”پهچڻ ۾ ست ڏينهن لڳندءِ.“

جهنگليءَ جي چپ رهڻ تي چيائيس، ”لاريءَ ۾ چو نه ٿو وڃين؟“

بـه وري جهنگليءَ کي ماٺ رهڻ تي چيائيس، ”ٿـــوهين پهاڙي ماڻـــهو بيوقوف آهيو، جو ڳـــڏه وانگر پيدل ٿا وڃو. چو نه ٿو ڪـنهن لاريءَ ۾ لڪي چڙهي پئين. مان ڪوئه انين ٻمبئي گهمي آيس.“

جهنگليءَ عجب ڳاڙ خوشيءَ ۾ پڇيس، ”تـــون ٻمبئي ويو هئين؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڙي سڄي ديس جو رنگ ڪير آئي ۽ بلڪل بدلجي ويندو.“

”بمبئي ڪيئن آهي؟“

”ڪم ڪرڻو پوندو آهي. جتي به وڃبو، اُتي ڪم ڪرڻو آهي.“ چوندي هن شخص پنهنجي گوڏريءَ مان مڪائي جو به اِقلڪا ۽ ڳاڙهن مرچن جي چٽني ڪڍي. ”جڏهن ڪم هتي به ڪرڻو آهي ته ڪرڻو، ته پوءِ ماڻهو بمبئي ڇو وڃي؟“ انهن چوندي هن شخص مانيءَ لڪر پنهنجي وات ۾ وڌو.

ماني ڏسي جهنگليءَ جي گگ ڳري آئي. هن شخص کيس چوٿو قلڪو ڏيندي چيو، ”وٺ کاءُ.“

باقي ٽي حصا ٻارڻ کائي ويو ۽ هڪ قلڪو وري گوڏريءَ ۾ وجهي ڇڏيائين. جهنگليءَ کي چيائين، ”تو منهنجي روٽي کاڌي آهي، هاڻي منهنجو ڪم ڪرڻو پوندءِ.“

”ڪهڙو ڪم؟“

”هيٺ سعيدپور ۾ هلي پڌائيندو سانءِ.“

سعيدپور جو ڳوٺ هيٺ ماڙيءَ ۾ نديءَ جي ڪناري هو. دور دور کيت ئي کيت هئا، جنهن جي چوگرد پهاڙ کڙا هئا. وچ ۾ ندي وهي رهي هئي. موٽر جي رستي تان به لارين بجليءَ جي راند پئي وانگر گسڪندڙ پئي ويئون. هن شخص نفرت انگيز لهجي ۾ چيو، ”هڏن لارين ته هن پهاڙي اباڻيءَ کي

برباد ڪري ڇڏيو آهي. سچي ايراضي هوشيار ۽
بي ايمان ٿي ويئي آهي! ... هوءِ سڙڪ ڪنارن جي
سادگي ڪاٺي ويئي آهي."

"تون ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟" جهنگليءَ پڇيس.
"بيکه پندو آهيان، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي."
هيٺ سعيدا پور ۾ هي فقير، جهنگليءَ کي هڪ
ڪمت ۾ وٺي ويو. اُن جي پرسان وڻن سان گهيريل
هڪ گهر هو. هن جهنگليءَ کي چيو، "هن گهر ۾ هڪ
ٻڍي رهندي آهي. ڪمبخت ڏاڍي ڪنجوس آهي.
ڪنهن به فقير کي اَناج جي لپ به نه ڏيندي آهي.
اڄ مان هن کي سبق سيکاريندس."
"سو ڪيئن؟"

"ٻڍيءَ کي تمام سٺيون ڪڪڙيون آهن. تون
هن جي در تي وڃي ٻيکه نه، پر پاڻي گهرج. جنهن تي
هوءَ اندران پاڻي کڻڻ ويندي، تنهن تي مان هنجي
ڪڪڙين وارن ڇهن مان ٻه ڪڪڙيون کڻي ڀڄندس
۽ ڪيس پيٽ به ڪانه پوندي. تون پاڻي پي هن وٽ
مون سان اچي گڏج ته هڪ ڪڪڙ توکي ڏيندس."
"ليڪن اِها ته چوري آهي."
"تو منهنجو نمڪ کاڌو آهي، ڇا منهنجو ڪم نه
ڪندين؟ ۽ چوري مان ٿو ڪريان نه."
جهنگلي ٿورو سوچيو ته هو صاف اِنڪار ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ٽيون حصو خالي هو. ليڪن ٻن حصن ۾ اُن جون ڳوٺيون پيتون هيون. ٻه ٽي ڳوٺيون کليل هيون، جن مان اُن ٻاهر نڪتي پيئي هئي. جهنگلي ڳوٺيون هٽائيندو، اندر گهسندو پئي ويو. هاٿي هو وچڙ هو. محسوس ڪيائين ته ٻن ڳوٺين پنيان ڪا چيز وڌي رهي آهي. هن جلدي هڪ ڳوڻ کي هٽايو ته دنگ رهجي ويو!

هنجي سامهون اُن جي ڍير تي هڪ ڇوڪري ليٽي پيئي هئي. هنڪي ڳلن وارو نيرو گهاگهرو پيل هو. سندس هڪ هٿ سيني تي هو، ٻيو منهن تي هو ۽ اکين ۾ ڊپ ۽ حيراني هئي.

## هي سفر آهي مشڪل

دور دور کيتن مان اچا ٽائين، چور چور جا آواز پئي آيا. ليٽيل ڇوڪري گهبرائجي جهنگليءَ کي تڪي رهي هئي. پوءِ اوچتو اُٿي ويٺي ۽ چيائين، "تون چور آهين؟"

"نه، مان چور ڪونه آهيان. چور، هو ٻيو آهي."

"ته پوءِ تون ڇو پٺيان آيو آهين؟"

جهنگلي چپ ٿي ويو. ڪجهه پل خاموش رهيو. پوءِ هن پنهنجون آڱريون مروٽيندي چيو، "مون هنجو نمڪ کاڌو هو. هو مونکي پاڻسان وٺي هليو. ليڪن مون چوري ڪانه ڪئي."

جهنگليءَ آنسو ڀريل اکيون کڻي، عاجزيءَ سان ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو. ڇوڪريءَ کي جڻ هنجي ڳالهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِي ڪجهه ويساهه جهڙي ويو. هوءَ ٻهرئون دفعو
ڏورو مرڪڻ لڳي.

”چور“ ”چور“ جا آواز جڏهن وڌيڪ ٿيندا ويا،
تڏهن ڇوڪري پريشانيءَ وچان هن ڏانهن نهاري چيو،
”هو ماڻهو لوڪي پڪڙڻ لاءِ پيا اچن.“

جهنگلي اهڙي پريشانيءَ جهڙي هلت هلڻو جنهنمان
لڳو ته هو لاريءَ مان لهي ڀڄڻ لاءِ آتو آهي. ڇوڪريءَ
کيس ٻانهن کان وٺي چيو، ”جلدي هنن اُن جي ڳوٺين
۾ لڪي ويهي رهه. ڀلوءَ وانگر منهنجو منهن ڇو وٺنو
تڪين؟“

جهنگليءَ احسانمند نظرن سان ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو
۽ اُن جي ڳوٺين پٺيان ويهي رهيو. ٻئي ڄڻا ڳوٺين جي
اوٽ مان ٻاهر ليئا پائڻ لڳا. ڇوڪريءَ جهنگليءَ کي
اشاري سان چيو، ”هو اسانجي لاريءَ جو ڊرائيور
مهاديو آهي.“ ۽ ٻئي ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪري چيائينس
ته ”هو لاري ڪلينر بختيار آهي.“

ڊرائيور ۽ ڪلينر جلدي لاريءَ ۾ چڙهيا ۽ لاري هلڻ
لڳي. ڇوڪريءَ ڏکيو ساهه کنيو ۽ هٿ کڻي پنهنجي
سيني تي رکيائين. جهنگلي هنجي بلڪل ويجهو اچي
ويٺو. ڇوڪريءَ هنکي ٿورو سختيءَ سان چيو، ”پري
ٿي ويهه.“

جهنگليءَ کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن نانگ
ڏنگيو هوس. هو گهبرائجي پري ٿي ويٺو. ٿوري دير

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بعد، هو ٻئي هڪٻئي جي آمهون سامهون ويٺا هئا. سندن وچ ۾ رڳو هڪ فوٽ جو مفاصلو هو. ڇوڪري نه ڪڙي ٽڙي ٿي ويٺي هئي، پر هو وڃارو پنهنجو پاڻ ۾ سوڙهو سڪڙيو ٿيو ويٺو هو. رڳو هن حسين ڇوڪريءَ ڏانهن ويٺي نهاريائين.

ڇوڪريءَ چيس، ”جيڪڏهن تو مونکي ڇهيو يا هٿ لڳايو ته مان يڪدم شور مچائيندي‌سان.“ جهنگليءَ ڪنڌ ڌوڻي هنجي ڳالهه جي مڃتا ڏني. ڪن رکي ڇوڪريءَ چيو، ”اڙي! ڪجهه ڳالهاءِ ته سهين.“

”ڇا ڳالهايان؟“ جهنگليءَ اهڙي سادگيءَ سان پڇيو جو هوءَ مرڪي ويئي. چيائين، ”هڪدم پڌو آهين. تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”جهنگلي.“

ڇوڪريءَ بي اختيار کلي ڏنو. هوءَ پنهنجي رني جي ڪنڌ وات ۾ وجهي آهستي خوب کلندي رهي. جڏهن کلي بس ڪيائين، تڏهن چيائين، ”جهنگلي؟ جهنگلي به ڪو نالو ٿيندو آهي؟“

”ڳوٺ ۾ سڀ مونکي جهنگلي چوندا هئا.“

”تنهنجي ماءُ به اِن نالي سان سڏيندي هيئي؟“

”نه... منهنجي ماءُ جي مونکي ياد ڪانهي... هوءَ گذاري ويئي تڏهن مان ننڍو هوس. انڪري مونکي خبر ٿي ڪانهي ته مونکي ڇا ڪري ڪوٺيندي هئي.“

ڇوڪري اِهو ٻڌي ٿورو ڇرڪي. سندس ڇهري تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نرمائيءَ ۽ قياس جي لهـر چانئجي وئي. ڪجهه وقت
ماٺ بعد چيائينس، ”لعهنجو پيءُ پـهـلا لوڪي ڪهڙي
لي سان ڪرنيندو آهي ؟“

”هو مونکي راجا ڪري ڪرنيندو هو.“

”راجا؟“

”ها، راجا! ڪڏهن راجا پٽ، ڪڏهن راجوُ. مـگر
هاڻي مونکي ڪير به راجا ڪري نه ڪرنيندو. نه مهنا
ٿيا جو منهنجو پيءُ به گذاري ويو.“

اهو ٻڌي ڇوڪريءَ جو مکڙو ڪنهن ممتا ۽ ديا وچان
چمڪي اٿيو. ٿورو اڳيان جهڪي پڇيائينس، ”هاڻي
تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”بمبئي.“

”ڇو؟“

”مون وٽ پئسا ڪونهن.“

”بمبئيءَ مان ڇا تون پئسا خريد ڪندين ؟“ ڇوڪريءَ
کي جهنگليءَ جي بيوقوفي ۽ ساديءَ تي غصو اچڻ لڳو.

”نه، اتي ڪو ڪم ڪار ڳوليندس. ٻڌو اٿم ته اتي
ڏاڍو ڪم ملي ٿو.“

هو ٻئي چپ ٿي ويا، جو ڊرائيور مهاديو ۽ ڪلينر
بختيار جي پاڻ ۾ زوردار گفتگو شروع ٿي ويئي هئي جا
ٻنهي ٻڌڻ ٿي چاهي...

بختيار ڪلي ڪلي چئي رهيو هو، ”مهاديو، تون شادي
ڪري ڇڏ.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شادي؟ ڪيهه نٿي ڏيهن هِن رستن تي پتڪئو ٿو پوي، پوءِ شادي ڪري، ڳل کي دوستن لاءِ ڇڏي وڃان لاري گهليندو؟“

”هش... ڪهڙي قسم جون ڳالهيون ٿو ڪرين، يار“ بختيار چيو.

”ٺيڪ ٿو چوان. پنهنجن دوستن جي اهڙن ڪيترن ئي قصن جي خبر اٿم،“ مهاديو چيو.

”نه رستي تي ڪڏهن ساڻ نيهن لڳائي ڇڏ نه. لوڪان اڳيو جيڪو ڊرائيور هيو سنگهه هو نه، انهن نه هرڪنهن اڏي تي هڪ اڌ قاسائي رکي هئي.“

”ڇي...ڇي. مونکي ڊرائيورن جي انهن اڏن جي خبر آهي، جتي به چار ڇٽيون اهڙو ڏنڊو ڪنديون آهن. اهي ڳالهون ناهن، پر بيماريءَ جون ڳوٿريون آهن.“

”ليڪن شريف ڇوڪريون به نه مليون سگهن ٿيون.“

”توکي ڪڏهن ڪا ملي آهي؟“

”اڙي، سو ٻڌ. اسين انهن ڳالهين ۾ اصل هڻ ڪڻ آهيون. مونکي ڪا ڇوڪري ڏيکار سهڻي، نه ڇونئيءَ ۾ هرڪائي نه ڇڏيانس نه مهنجو نالو مٽائي ڇڏج. مان ڪو لسو وانگر رلي ٽهڙي ٿوروئي آهيان، هيڏي وڏي ڪري چالي ۽ ڏهڙو جانئو بدن... پوءِ به قسم آهي. مون تو جهڙو نامرد اڄ تائين نه ڏٺو.“

”مونکي غصو نه ڏيار، بختيار.“ مهاديو جنسي گرجي اٿيو. بختيار شرارت ساڻ کلڻ لڳو. هنکي سڌ هئي ته

ڇوڪري، مهاديو جي ڪمزوري هئي ته به هيلتائين هن رستي اريءَ ڪنهن ڇوڪريءَ سان هڪ لفظ به نه ڳالهايو هو. انڪري هنکي ڇيڙائڻ ۾ بخت يار کي مزو پئي آيو. ڪن وت ويجهو وڃي چيائينس، "مهاديو، هن وقت جيڪڏهن سامهون سڙڪ تي ڪا اڪيلي ڇوڪري ملي وڃيئي ته جيڪر ڇا ڪريئن؟" حقيقت ۾ سامهون سڄي سڙڪ تي ڪي به ڪونه هو.

مهاديو وراڻيو، "نه مان هيءَ لاري بيهاري، پنهنجن مضبوط ٻانهن ۾ اهڙو ته جڪڙيانس جو بس..."

ڇوڪري پورو جملو ٻڌي ڇرڪي منهن ڪٽي ڦيرايو. هنجي منهن جو پورو ٿي لهي ويو هو. ٽپ وچان سندس سينو لڪڙو هيٺ مٿي پئي ٿيو. جهنگليءَ اوچتو پنهنجو هٿ ڪٽي ڇوڪريءَ جي هٿ مٿان رکيو. پوءِ هن يڪدم اهو پري ڪري چيس، "مونکي ته هٿ نه لڳاءِ."

جهنگلي ڇرڪي ٿورو پري ٿي ويو. ليڪن لاريءَ جي جهٽڪي اچڻ سان هو وري ڇوڪريءَ تي ڪريو. هنجو سينو ۽ ڳل وڃي ڇوڪريءَ جي سيني ۽ ڳلن سان لڳا ۽ هٿ وڃي هنجي ڪلهن تي پيا. هن يڪدم پاڻ سنڀالي ورتو ته ڇوڪريءَ به ڏڪو ڏيئي پري ڪري ڇڏيس. هاڻي ٻئي ڄڻا ٻه گهاٻه گهاساه ڪٽي رهيا هئا. جهنگليءَ ته انهن محسوس ڪيو ڄڻ ڪنهن سندس جسم ۾ اندر ڪوئلا رکيا هئا. هو ڏاڍي عجب سان

چوڪريءَ کي ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ لاريءَ جو جهٽڪو آيو ته هو وڃي چوڪريءَ تي ڪريو. چوڪريءَ پاڻ سنڀالي چيو، "تون مون تي ڇو ڪرين ٿو؟"

"مان پاڻيهي ڪٿي ڪريس. لاريءَ جو لوڏو آيو نه!"

"تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين."

"نه."

"ڪن پڪڙي انجام ڪر ته وري نه ڪندين."

جهنگليءَ پنهنجا ڪن ته پڪڙيا، پر ڪيس دل ۾ غصو به پئي آيو جو هو بيقصور هو. هن کي اها سڌ نه ڪانه هئي ته ڪيڏي مهل سڙڪ تي ڪو کڏو ٿو اچي ۽ ڪيڏي مهل هو جهٽڪو کائي وڃي چوڪريءَ تي ٿو ڪري. جهنگلي اُن جي هڪ ڳوڻ ڪٺي پنهنجي ۽ چوڪريءَ جي وچ ۾ رکي ۽ ٻئي ڄڻا پنهنجي پنهنجي لهڻاني ۾ ويٺا رهيا. ٿوري دير بعد چوڪريءَ ڳوڻ کي وچ مان هٽائي چيو، "ڪجهه ڳالهاءِ نه."

"ڇا ڳالهايان؟"

"تو مونکان پنهنجو نالو ڏس پتو به نه پڇيو؟"

"ته هاڻ ڪٺي ٻڌاءِ." جهنگليءَ اهڙي ته روسامي سان چيو جو چوڪري کلڻ لڳي. جهنگليءَ کي هن جا اڇا کير جهڙا ڏند ڏاڍا وڻيا. ڪيس ائين لڳو ڄڻ هوا ۾ لڏندڙ صوف جي ٽاريءَ تي گلن جون مکڙيون ٽڙي ويٺيون آهن.

چوڪريءَ چيو، "مان ٽرانا آهيان."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڇا، تون بمبئيءَ ٿي وڃين؟“
”نه مان اَڪال ڪوٽ چاچيءَ وٽ ٿي وڃان،“
”اُهو وري ڪٿي آهي؟“
”رستي ۾ ايندو، پناڙڪوٽ کان ڏهه ڪوهه اڳڀرو آهي.“
”چاچيءَ وٽ ڇو ٿي وڃين؟“
”ڇوته منهنجي پيءُ مونکي ٧٥٠ رپين ۾ نمبردار وٽ وڪيو آهي.“

جهنگليءَ جي ڳوٺ ۾ به انهن ڇوڪرين شاديءَ کان اڳ وڪاميون هيون، ۽ ڇوڪري کي، ڇوڪريءَ لاءِ پئسا ڏيڻا پوندا هئا، انڪري کيس ذرو به عجب نه لڳو. چيائين، ”ڇا تون نمبردار سان شادي نه ڪندينءَ؟“
”اصل نه.“
”ڇو؟“
”هو پڊو آهي. ست ته بار اٿس. مان هاڻي چاچيءَ وٽ وڃي رهنديس.“

جهنگلي چپ ٿي ويو. ڇوڪري به پنهنجو منهن ٻنهي هٿن ۾ لڪائي اُلاجي ڪهڙن ويچارن ۾ کوهجي ويئي. ڪيتريءَ دير کانپوءِ چيائين، ”عورت ذات جي زندگي به ڪهڙي نه عجيب آهي!“
جهنگليءَ اُنجو ڪو به جواب نه ڏنو. هن سوچيو، ”مرد جي به ڇا ته زندگي آهي؟ ڪنهنجي به ڪهڙي حياتي آهي؟ رڳو به پيگا نه هجن ته ٻيي چڏڻي پوي. ڪٿان ڇو ڪٿي وڃڻو تو پوي....“ جهنگلي به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن خيالن ۾ ڪوهجي ويو.

ٿيپهريءَ ڪانپوءِ لاري اَڪال ڪوٽ جي ماڙيءَ ۾ داخل ٿي. چوگرد ميويدار وڻ پئي نظر آيا. انگور، زردالو، آلوبخارا، انگور ته اڃا ڪچا هئا ۽ زردالو ۽ آلوبخارا ته پچي ويا هئا ۽ اُنهن جي هيٺان مٺي رس جا ڦڙا اُنهن لٽڪي رهيا هئا، جهڙا بسنت رت ۾ ڪنهن جوانڙيءَ جا چپ.

مٿان نڪرڻ کان ڪيترا ئي جهرڻا پئي وهيا، جي نچندا، بيقرار قدمن سان هيٺ ماڙيءَ ۾ پئي ويا. اُنهن جي هر ڇلڪار ۾ پايل جي جهنڪار هئي ۽ پاڻيءَ جي هرڪا بوند گهنگهروءَ وانگر ٿي وڄي ۽ اُنجي هرڪا لهر پهاڙي گيت وانگر روانيءَ ۾ هئي. اهي ئي جهرڻا، هيٺ ماڙين ۾ ننڍين ندين ۾ بدلجي ٿي ويا. ٻنهن جي وچمان لنگهندڙ سڙڪ تي دور دور هڪ پيٽرول پمپ گاڙهي پوسٽ باڪس وانگر، نظر پئي آيو. اُنجي پرسان لارين جو اَڏو هو، پوليس جي چونڪي هئي، ننڍي بزار هئي ۽ بزار جي پٺيان اَڪال ڪوٽ جو ننڍو ڳوٺ هو.

جهنگلي ۽ ترانا، لاريءَ مان هي سڄو نظارو چڱيءَ طرح ڏسي رهيا هئا. جهنگليءَ ترانا ڏانهن ايرڪا سان نهاري چيو، ”اَڪال ڪوٽ ته ڏاڍي خوبصورت جڳهه آهي!“

”ها“، ترانا آڪڙ ۽ ايمان سان وراڻيو، ”مان هتي ئي پنهنجي ڇاڇيءَ وٽ ڏاڍي آرام سان رهندي هوس.

مرڪي پوڙهي نمبردار وٽ نه موڪليندي."
"پنهنجي چاچيءَ جو گهر ڏنل اٿيئي؟"
"پنهنجي ماءُ سان گڏ ٻه دفعا آئي هئس. ليڪن
گهر مان اڪيلو نڪري جو هي ٻهرئون موقعو آهي."
"پوءِ لوڪي ڊپ نٿو لڳئي؟"
"ڇو نه. ٻر شاديءَ جي ڊپ اڳيان ته اهو ڊپ ڪجهه
به ڪونهي. انڪري ئي ڀڄي نڪتي آهيان."
"ٿي سگهيٿو ته تنهنجي چاچي گهر ۾ نه هجي."
"سو چاهه پنهنجو نه گهر آهي. جيسين اچي ليسين
ڙسي نٿي سگهان ڇا؟"
جهنگلي ماٺ ٿي ويو ۽ ڪجهه اُداس به ٿيو. هنکي
ڇوڪري وڻي ويئي هئي. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هن
هيترو وقت ڪنهن ڇوڪريءَ سان ڳالهايو هو ۽ هيڏو لمبو
سفر ڪيو هو. هن چاهيو ته هوءِ ساڻس گڏ هلندي هلي
سفر لمبو ٿيندو وڃي.
ليڪن ترانا جي دل ۾ جهنگليءَ لاءِ اهڙي ڪا به
ڀاونا نه هئي. هوءِ ته ڊاپي وياڪلتا ۽ اُڏيرتا سان ٻاهر
ڏسي رهي هئي. جيڪڏهن ڊرائيور جو ڀؤ نه هجيس
ها ته يڪدم خوشيءَ مان ٽاڙيون وڄائي ها، جو منزل
ڀڄهي پهچي ويئي هئي. هنجي لاءِ ته هي ٻئي اهڙا
مسافر هئا، جن کي حالتن کان مجبور ٿي ٿاڻسر ڪجهه
وقت، روح رهاڻ ڪرڻي پيئي هئي.
ٻنهي کي سامهون ماڙيءَ وارا دڪان صاف پئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهنگلي به "رام رام" چئي هن لاءِ اُن جون ڳوٺيرن ٻري ڪري لهڻ لاءِ رستو صاف ڪيو.

ٽرانا جڏن ٻي لهڻ لاءِ ٻاهر نهاريو تڏن ٻي ڄڻ ساهه سڪي ويس ۽ هڪ سهري ڪيڪ نڪري ويس.

جهنگلي، جيڪو ڳوٺين ٻري ڪرڻ ۾ مدو هو، تنهن کيڪ ٻڌي پڇيو، "ڇا ٿيو؟"

ٽرانا هٿ سان ٻاهر اشارو ڪيو، جتي پوليس سب انسپيڪٽر، مهاديو ۽ بختيار سان سوال جواب ڪري رهيا هئا. انسپيڪٽر سان گڏ ٻه ٻيا ٻندرا هاري ۽ هڪ ڪرڙوڙي عورت هئي. عورت جا ڄڻ حواس ئي خطا ٿي ويا هئا. ٽرانا چيو، "هوءَ عورت منهنجي چاچي آهي ۽ ساڻس گڏ هو ڪاري ٽوپيءَ وارو منهنجو پيءُ آهي ۽ ٻيو پڳڙيءَ وارو ٻيو، ڳوٺ جو نمبردار آهي."

"ليڪن، هي لوڪان اڄ ڪيئن پهتا؟"

"پوليس لاريءَ ۾ آيا هوندا. نمبردار جي ڏاڍي هلندي آهي."

"هاڻي تون ٻاهر ڪيئن ويندين؟"

"هاڻي ٻاهر نڪرڻ مان فائدو ڪهڙو؟ ٽرانا افسوس سان چيو.

جهنگليءَ خوش ٿي چيو، "ٻاهر ويندين نه پڪڙبين."

ٽرانا روئڻ واري هئي، پر هنکي خوش ڏسي غصي ۾ چيائين، "هين! ريءَ جي تلاشي ورتي نه توکي به مونسان گڏ پڪڙيندا."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مونکي ٻه!“ جهنگلي ڪنبي ويو.

”ها. لوکي جيل ۾ وڃڻدا ۽ ٻوءِ پادر ٻه هٿڻدء.“

”ڇو؟“

”اسانجي ڳوٺ ۾ هڪ ڇوڪري، ڇوڪري سان پڳي هٿي ته پوليس هئسان اُهولي ورتاءِ ڪيو.“

”ليڪن مون نه لرکي ٻچاٻر ڪونهي!“

”سو ڇا؟ لون مونسان گڏ لاريءَ ۾ جو آهين. اهو ڪافي ناهي؟ هاڻي منهنجي سامهون موچڙا کائيندين.“

ٽرانا سوچ واري نظر سان هنکي ڏسندي چيو.

”لوکي ٻه نه پوڙهي سان ٻرڄڻو پوندو.“

اوچتو ٽرانا گهٻرائجي، منهن لڪائي آهستي آهستي روئڻ لڳي ۽ هڪ ڪنڊ ۾ وڃي لڪي. ٻاهر مهادير چئي رهيو هو، ”انسپيڪٽر صاحب، ڪهڙي ڇوڪري، ڪنهنجي ڇوڪري؟ اسان رستي لي ڇوڪري لــ ڇا هڪ جهرڪي ٻه نه ڏني.“

نمبردار ڇوڪريءَ جي شڪل شبيهه ٻڌايڻ، جا ٽرانا سان ٺي لڳي، ٻڌائيو چيو، ”اڙي اهڙي حسين ڇوڪري رستي ۾ ملي ها نه مان نه ٻچائي وڃانس ها. لو جهڙي پوڙهي وٽ زندگي برباد ڪرڻ لاءِ ڇو ڇڏي وڃانس؟“

”برابر ڊرائيور.“ چاچيءَ ڪنڌ ڌوڻي چيو.

ٽرانا جي پيءُ غصي ۾ چيو، ”ڇا برابر؟ هاڻــي مونکي ٻيي واپس ڪرڻي پوندي.“

انسپيڪٽر وچ ۾ ٽوڪيندي ڊرائيور کي چيو، ”لاريءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنهنجي حفاظت ڪندس.“ ليڪن ساڳئي وقت ڪيس اهو به خيال آيو ته جو شخص پنهنجن ٻن ٻڪرن جي حفاظت ڪري نٿو سگهي سو هن ڇوڪريءَ جي ڇا حفاظت ڪندو؟ انڪري پنهنجي تمنا کي دٻائي ماٺ ڪري ويٺو رهيو.

ڪجهه وقت ڪانوڙو هن ترانا کي چيو، ”تو گهر مان ٻيو سنو ڪم نه ڪيو. آخر ماءُ پيءُ ٿي نه جتي چاهيندا آهن، اُتي شادي ڪيندي آهي. اسانجي ڳوٺ ۾ به اهوئي رواج آهي.“

”منهنجي شاديءَ لاءِ ڇا اهو پوڙهو وڃي ٻيو هو؟“ ترانا ڪاوڙ مان پڇيو، ”مونکي ماءُ پيءُ، پنج درجا ڇا انڪري پڙهايا هئا؟“

”تون پورا پنج درجا پڙهي آهين؟“

”ها،“ چئي ترانا هٿ جون آڱريون هنجي سامهون لهرايون.

”اسانجي ڳوٺ ۾ نه سڪول به ڪونهي. اسان وٽ پيدائش ڪانسواءِ ٻيو ڪو پڙهيل ڳڙهيل ڪونهي.“

”عجيب جهنگلي ڳوٺ آهي تنهنجو! اسان وٽ ته مڊل سڪول به شروع ٿيڻ ٿي هو. جيڪڏهن منهنجو پيءُ مونکي نمبردار وٽ نه وڪڻي ها ته مان ضرور وڏيڪ پڙهان ها.“

جهنگليءَ ٿورو وقت رکي چيو ته، ”تون مرنسان ٻمبئيءَ هل. توکي ڪنهن سڪول ۾ پڙهائيءَ جو ڪم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو سامان لهراءِ.“

”بابو؟“ اڇا تہ هي ئي بابو آهي. جهنگليءَ ڪيترا پيرا پنهنجي ڳوٺ ۾ بابوءَ جو نالو ٻڌو هو. خود رستي ۾ بہ لرانا کيس چيو هو تہ هوءَ ڪنهن بابوءَ سان ئي شادي ڪندي.

جهنگليءَ سوچيو، اڙي هي آهي سو بابو، گندو ميرو، ڪمزور ۽ سر جهڪيل. ڇهڙي بابوءَ سان لرانا شادي ڪندي؟ لرانا اڇا نند ۾ غلطان هئي. جهنگليءَ هنکي اٿاريو تہ هن ٻرٻرائي پڇيو، ”ڇا آهي؟“

”بابو.“

”ڪهڙو بابو؟“

”جنهن سان تون شادي ڪندينءَ نہ... ها...ها...ها...“

جهنگليءَ ٻاهرئين بابوءَ ڏانهن اشارو ڪري ڪليو.

لرانا ٻاهر نهاريو تہ گهبرائجي چيائين، ”اڙي هي تہ پناٽڪوٽ جو اڏو هو. تو مونکي ڀهرين ڇونہ جاڳايو؟“

”اڇا تہ اِن ۾ بہ منهنجو ڏوهہ ٿيو؟“ جهنگليءَ ناراضگيءَ سان پڇيو. لرانا اُنجو ڪو بہ جواب نہ ڏنئي ٻاهر ڏسڻ لڳي. جتي بابو مهاديو کي چٺي رهيو هو، ”توکي اِن جون ٽڪيٽون امرتسر ڪٽي وڃڻيون پونديون. اسان وٽ خالي لاري ڪانهي ۽ نڪو فالتو ڊرائيور آهي.“

مهاديو چيو، ”مان بہ راليون جاڳيو آهيان.“

”مجبوري آهي.“ بابوءَ بيحد خوش ٿي چيو، ڇو جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت جهنگليءَ ۽ ٽرانا کي چگيءَ طرح ڏٺو. عورت، ٽرانا کي چيو، ”توهين ٻئي ڏاڍا ٻڪايل ٿا ڀانئجو؟“
ٽرانا چيو، ”ها.“
”ڇو اُچيٺي ٿو؟“ عورت پڇيو.
”نه“ ٽرانا نفرت سان وراڻيو.
جهنگليءَ مشڪي چيو، ”مان ٻهسري ڏاڍي سٺي وڄائيندو آهيان.“
”وڄائي ڏيکار.“
جهنگليءَ جي ٻهسريءَ جي ٻهرنين ئي ڌن ئي ڇهڻ ٻر وبتل ماڻهن جا ڪن سرلائي ويا. هارمونيم به زور سان وڄڻ لڳو. خانبدوش عورت پنهنجا گهنگهرون وڄايا ۽ ناچ شروع ڪيو. ٿوري ئي وقت ۾ ڪافي پيسا ڪٺا ٿي ويا.
ناچ ختم ٿيڻ کان اڳ، خانبدوش مرد پنهنجي ڪاري ٽوپي لاهي ٽرانا کي ڏيئي چيو، ”هيءَ ماڻهن ۾ ڦهلاء. هو پئسا ڏيندء. ليڪن منهن سچائي نه، پر مشڪندي وٺ وڃج.“
ٽرانا ائين ڪيو ۽ سعدس ٽوپي سچي پئسن سان ڀرجي ويئي. ور ور ڪري هنجون نگاهون، روئيسن واريءَ ڪٺن ڏانهن ٻئي ويئون. اُف! ٽرانا کي ڪيتري نه ڇتي ٻک لڳي هئي.
”اُڙي ڪربي، هي ٽڏون مال ڪٿان آندو اٿيئي؟“
ڪربيءَ چيو، ”حضور، منهنجي سالي آهي. اچا

نٿين آهي. ڪيس نــاچ سيکاريندس. ايندڙ مهني اُهو ڏيکاريندوسانئو."

"اڙي ايـندڙ مهني اسين الاجي ڪٿي هونداسين. اڙي ذرا هنجي بدن جو تڙڪڻ ئي نہ ڏيکار. بس ڇمڇم ڪندي، اسانجي دوڪانن وٽان لنگهي وڃي."

اوچتو ٻرپان پوليس جي سيٽيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ مجموعي ۾ اچي ٿاڪورو پيو. گوايءَ پنهنجو هارمونيم کڻي، زال کي هٿ جهلي، ٽرانا ۽ جهنگليءَ کي چيو ته "ڀڄو." اکيان اکيان ٻہ خانبدوش هئا ۽ هنن جي پنيان جهنگلي ۽ ٽـرانا ڊوڙي رهيا هئـا. جڏهن پوليس جي سيٽي ۽ قدمن جا آواز ٻڌڻ ۾ نہ آيا، تڏهن بيهي رهيا. اُتي ميدان هو ۽ ٽي چار چپر لڳل هئا. چوطرف گـهرو سناٽو هو.

"اسين ڇو ڀڳاسين؟" جهنگليءَ پڇيو.

"پوليس جي اجازت بنا عام جڳهين تي نچڻ ۽ ڳائڻ جي منع آهي."

"ڇو؟ اسانجي پيٽ ۾ نہ جڏهن چاهيان، تڏهن ٻـسري وڄائي سگهانٿو."

"اهو پـيٽ آهي، هي شهـر آهي،" خـانبدوش عورت چيو.

"هلو ساهورن منهنجي جهوپڙيءَ ۾ هلو. مان لوهانـکي روٽي ٻہ کارائيندس." گوپيءَ چيو.

جهوپڙيءَ ۾ هنن مڪائيءَ جي روٽي ۽ ڪدوءَ جي

پاڄي خوب ڪاڌي. اُن بعد گوبيءَ ڪاري ٽوپيءَ وارا پئسا ڪڍيا، جيڪي پنج رپيا ٽي آنا هئا. هن ٻه رپيا ٽرانا کي ڏيئي چيو، ”هي توهان ٻن لاءِ آهن.“

گوبيءَ جي ڳالھ لڳاتار جهنگليءَ کي لڳي رهي هئي. چيائينس، ”تون ٻسري نه ڏاڍي سٺي ٿو وڄائين. جيڪڏهن اسان سان رهندين ته خوب ڪمائينداسون.“

گوبيءَ ٽرانا کي چيو، ”مهني اندر توکي ناچ سيکاريندس جتي ٻه وينداسين، اُتي خوب ڄمائينداسين. توهين ٻئي هتي اسان وٽ رهي پئو.“

جهنگليءَ کي اهو ڪم ڏاڍو وڻيو ۽ هو ها ڪرڻ وارو ئي هو ته ٽرانا وچ ۾ ٽڙ ڪري چيو ”ڇا پنج درجا پڙهي، هاٿي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ نچندس؟ اصل نه. اهو نه ڪنجرن جو ڪم آهي.“

”پيٽ ڪتو سيڪجهه ٿو ڪرائي.“

”مئو پيٽ ٿيو، ڪين بي عزتيءَ جو پورت ٿيو،“ ٽرانا غصي ۾ چيو.

”اُن ۾ بي عزتيءَ جي ڪهڙي ڳالھ آهي؟“ گوبيءَ جي ڳالھ ٽوڙ سان چيو، ”مان وڏن گهرن ۾ نه ويندي آهيان ڇا؟ اُنهن جي سچي حال جي سڌ اٿم. پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪريون پيٽ لاءِ ئي شادي ڪن ٿيون. مرد جي غلامي سهن ٿيون. آخر ته هنن کي گهر سنڀالڻو آهي، ٻار ڄڻڻا آهن. جيڪڏهن اهو ڪم خراب ڪرنهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ اچھي ڇو خراب ٿيو؟“
”هي ولر پنهنجا نہ رهيا.“ ترانا رهيا پٽ تي ڪٽي
ڦٽا ڪيا ۽ انهن چوندي ٻاهر هلي ويئي. ”مرلڪي هي
ڪم پسند ڪونهي.“ پوءِ جهنگليءَ ني جنسي ٻاهر
وسائيندي چيائين، ”لوڪي رهڻو هجي نہ پلي رهہ، مان
اڪيلي بہ هلي وينديس.“
جهنگليءَ جي گهٽي ٿي مرضي اتي رهڻ جي هئي،
نہ بہ هو ترانا پنيان هلڻ لڳو. جڏهن تـرانا لاريءَ جي
ويجهو پهتي، تڏهن پنيان نهاري جهنگليءَ کي چيائين،
”منهنجي پنيان ڇو آئين؟ هليو وڃ نہ هـــن پنهنجيءَ
خانبدوشڻ وٽ. ڏاڍي وڻيئي ٿي نہ؟“
”ڪير؟ هوءَ ٻڍي؟“ جهنگليءَ جي واتان مان لاهي
بہ لفظ مس نڪري سگهيا. ۽ لاهي ٻڌنديئي تــرانا جو
غصو وڌندو رهيو. يڪدم نرم ٿي چيائين، ”مان تنهنجي
ٿي ٻالليءَ جي ڳالهہ ڪري رهي هئس. خانبدوش سان
ڪڏ وڃي، تون ڪڏهن بہ ڪم جو نہ ٿي سگهين ها.
نہ گهر نہ گهاٽ. نہ ٺاٺو نڪاٺو. پنجيءَ وڃڻ لـــ
انسان ٻٺجي وڃڻ. هل مرلڪي لاريءَ ني چڙهاءِ.“
جهنگليءَ هيڏانهن هوڏانهن خبرداريءَ سان نـهاري
ٽالهتريءَ جي هڪ ڪٿ ڪولي، ۽ ترانا کي پنهنجين
ٻنهي ٻانهن سان ڪٽي لاريءَ ني پهچاڻائين. اُن بعد پاڻ
بہ چڙهيو. پر چڙهنديئي يڪدم ڪاٺ جي ٻنهين سان
وڃي اٽڪريو.

اُن جي ڪُوڙين لي وجي ڪريو. ڏاڍي مشڪلات سان ٽرانا پنهنجي ڪل روڪي. ليڪن هنجون اکڙيون ڄڻ ڪلڪار جي جهرڻن ۽ ڪنول جي ٽڙيل گلن وانگر ٽهڪي رهيون هيون.

مهاديو هڪ جهرڻي پاسان پنهنجي لاري روڪي ڇڏي ڇو ته هنکي ڏاڍي اُڃ لڳي هئي. مهاديو ۽ بختيار پاڻي پي اُڃ لاهي ته اُلي وڃي روٽي کائي بک لاهي.

ننڍي نرمل جل جو جهرڻو جهر جهر ڪري وهي خوشيءَ پيارو آواز پيدا ڪري رهيو هو.

اُڃ ته ٽرانا ۽ جهنگليءَ کي به لڳي هئي پر بختيار ۽ مهاديو جي وڃي اُها ڪيئن ٻجهائين! پاڻي جيترو ئي ويجهو هون، ٻيڇ اوتري ئي پري هئن.

جهنگليءَ چيو، "جي پاڻي پيئنداسين ته هو ڇا چوندا؟"

"ڪجهه نه. رڳو ٽوڪي ڇڏي، مونکي وٺي ويندا."

اوچتو مهاديو لاريءَ ۽ ٽالهٽريءَ هيٺان ڪا چيز لڙندي ڏٺي. يڪدم بختيار کي چيائين، "هو ڏس."

"ڇا؟" بختيار پڇيس.

مهاديو کيس چپ رهڻ لاءِ اشارو ڪيو. پوءِ هري هري چيائينس، "لاريءَ پٺيان، ٽالهٽريءَ هيٺان ضرور ڪا شيءِ آهي." ڪجهه وقت پوءِ ٽڪنڪي لڳائي ٽالهٽريءَ کي ڏٺو جا جڻن جي ٽڻن رکيل هئي. بختيار پٽ پٽ ڪري چيو، "اهو ننڍڙو پرم آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪومل شانتي هئي! هن جهرڪي لئي ٻاڪي ٻي، اُن
پرسان ٿي گهاٽ لئي ٽنگون ڪري پٽاريون. اُن وقت
هن چاهيو ڪاش! ترانا هنسان گڏ هجي ها ۽ هن
جهرڪي وٽ هو جهوپڙي ناهي هنسان گڏ رهي ها...
۽ ائين جهنگلي ترانا بابت ڪلپنائن ۾ ڪوهجي ويو.
اوچتو هن پنهنجن ڪنن ۾ ترانا جا ٺهڪ ٻڌا، جنهنتي
هو گهٻرائجي اکيون کولي ويٺو.

ليڪن اُتي هن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونہ هو. نہ ترانا
۽ نہ ڪاٺي جهوپڙي. فقط هڪ سنسان جهنگل هو.
جهنگلي گهٻرائجي اُتي اُٿان ڀڄو.

ترانا جو پِتر فتحچند، سڪول ماستر هو. هن کي
هڪ گونگو ۽ بدصورت جوان پٽ هو. هنکي ٻنهين ۾
هر هلائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪم نہ ايندو هو. ڪيس اٽري
زمين بہ ڪانہ هئي جنهنتي گذران ڪري سگهجي. نہ تہ
ٻاڻ ماستري ڇو ڪري ها؟ اُن وقت ترانا جو وڏس آئي
تہ سمجهيائين تہ جڻ ڀڳوان هنجي اڳين ڪرمن جو ڏنڊ
ڏيڻ لاءِ ڪيس هنوت موڪليو آهي. ترانا جي پيءُ جي
تار تہ وڏس ٻهڄي چڪي هئي. هن سوچيو، جنهن
ڇوڪريءَ پٺيان پوليس ڦرندي هجي، اُنکي هو ڀاڙوت
ڪيترا ڏينهن وهاري سگهندو؟

هنجي زال صلاح ڏنس تہ، ”ترانا کي رهايو. ڪجهہ
ڏينهن بعد هنجو وهانءُ پنهنجي ڀٽ سان ڪرائبو.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پوء ھنجي پيءُ جا ٧٥٠ رپيا ڪٿان آئي ڏيـــا؟
تو پڻو ڪونهي ته تــــرانا ڇا چيو آهي؟ سڄي برادري
اسانجي دشمن ٿي ويندي.“

”جيڪڏهن توهان ترانا کي هتان وڃايو ته سڄي
عمر پڇتائيندا. تنهنجي گونگي پٽ لاءِ ڇوڪري ڪٿان
ايندي؟“

”اِهو مهاپاپ آهي.“

”ته پوءِ ڇا؟“

”نه، مان اُن ڇوڪريءَ کي گهر ۾ نٿو رکي سگهان.“

”پوءِ ڇا ڪندا؟“

”مان وڃي پوليس ۾ خبر ڏيندس.“

دروازي تي ٺورو کڙڪو ٿيو ته هي ٻئي ٻتي ٻتي
ڇرڪجي ويا. ماستر پڪڪم ٻاهر وڃي ڏٺـــو ته در تي
ڪير به ڪونه هو. فقط آڳنڊ ۾ ترانا چلهه تي روٽي سيڪي
رهي هئي.

ماستر ڪند جهڪائي گهر کان ٻاهر نڪري ويـــو.
سانجهيءَ جي وقت جڏهن سڀ چمن ڪوٽ ٽان ليندو
پنالڪوٽ ڏانهن پئي ويـــو، تڏهن پنالڪوٽ ڏانهن
ويندڙ هڪ لاريءَ واري مهاديو جي لاريءَ کي ٽيڪ
ڪري ورتو. هـن چيس، ”هن لاريءَ کي گهٽ ۾
گهٽ ايتري وٺ ٺاهيو اٿم، جو امرتسر تائين ته آرام سان وڃي
سگهين ٿو.“

”امرتسر پهتاسين ته پوءِ ڇاجي چنتا آهي بادشاهه؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بختيار اُن سڪ ڊرائيور کي ڪلندي چيو.

مهاديو لاري هلائڻ لاءِ انجڻ چالو ڪئي جا هلندي رهي. تنهن تي بختيار بي صبريءَ سان چيس، ”هاڻ جلد هلاءِ. ڇو تو پيٽرول مفت وڃائين، مهاديو.“

”نورو نرس،“ مهاديو رازدار لهجي ۾ چيو، ”ذرا ڌسان نه سهڻن سيڪچھ نيڪ آهي.“

لاري پهرين نه ڌيري ڌيري هلي، پر پوءِ رفتار تيز ٿيس. جڏهن اُها تيز هلي تڏهن بختيار مهاديو جي چمڪندڙ ڇهري کي ڌسي چيو، ”چا وري ڪو مال ياد آيئه چا؟“ مهاديو رازدار مشڪ مرڪي چيو، ”نـ، نـ.“

جڏهن لاري آهستي هاي نه يڪدم جهنگليءَ کي ڏڪو آيو. هن گهبرائجي ڏنو نه سامهون ترانا بيني هئي. چيائينس، ”نون!“ ترانا ڪجھ نه ڪڇيو. ماٺ ميٺ ۾ اچي پرسان وينيس. ”نون واپس ڪيئن آئينءَ ترانا؟“

ترانا وري به ڪجھ نه ڪڇيو. هوءَ نٽل ناريءَ وانگر، هنجي سامهون ڪري پيئي ۽ اُن جي ڳوڙ تي متو رکي رونڻ لڳي، جڻ ڪنهن سندس دل جو شيشو پرزا پرز ڪري ڇڏيو هو.“

جهنگليءَ کي هن تي ڏاڍو و قياس آيو. هن پنهنجو هٿ ڪٽي ترانا جي هٿ تي رکيو ۽ پوءِ هري هري سندس بانهن تي گهمائڻ لڳو. يڪدم ترانا هنجي هٿ کي جهٽڪو ڏنو ۽ اکين مان آگ جا اُلا وسائيندي چيو،

”مونکي هت نہ لاءِ. ڏوهين مرد سڀ ظالم آهيو. پوءِ پيءُ هجي کڻي چاچو، ڀڻر هجي کڻي لون، سيٺڙي، عورت جي جان ونڻ وارا آهيو!“

جهنگلي گهبرائجي پنيان هٽي واڙ، گويا کڏهن کيس پنيءُ لي ڦنڊکا هڏيا هئا. هو نہ اهڙو مرد کونہ هو، پوءِ ڏرانا ڇو کيس اهڙو سمجهي رهي هئي! هو حيرانيءَ سان ڏرانا کي ڏکڻ لڳو.

مهاڏيو مشڪيو ني مشڪيو پئي. بختيار هنجي رازدار نموني مشڪڻ لي مڙجي چيو، ”آهي ڇا؟“

مهاڏيو وراڻيو، ”هڪ ڇوڪري آهي.“

”ڪٿي؟ مونکي نہ سمسان سڙڪ تي ڪير نٿو نظر اچي.“

”هوءَ لاريءَ پنيان پڄندي پئي آئي.“

”ڪڏهن؟“

”جڏهن مون انجڻ چالو ڪئي.“

”پوءِ؟“.

”مون لاري پري هلائي. هن ڇوڪريءَ لاريءَ کي پڪڙڻ پئي چاهيو. مون کيس آرسيءَ مان پئي ڏٺو.“

”پـــوءِ؟“ بختيار انين ڇيو جڻ ڳڻيون پڇجي ويٺون هئس.

”هـوءَ ڊڪندي ڊڪندي ويجهو آئي ۽ گم ني ويئي.“

”ڪٿي ويئي؟“ بختيار جو واٽ ڦاٽي ويو.
”ها! هاٿي هوءَ آرسيءَ ۾ نظر نٿي اچي.“
”ڇا هوءَ رڇ هئي؟“
”رڇ نه ڪانه هئي، ليڪن سهڻي گهڻي هئي.“
”ڇا سڙڪ ڪيئن گهڻي ويئي؟“
”نه، سمجهان ٿو ته لاريءَ ۾ چڙهي آهي.“ مهاڻو خوشيءَ سان ڀر ڀر لڳائيندي چيو.
سج غروب ٿي چڪو هو ۽ چوطرف اونده ڦهلجي رهي هئي. مهاڻو لاريءَ جون ٽتيون ٻاري ڇڏيون هيون ۽ هاٿي جهنگلي ۽ ڏرانا ڊنل ۽ ڪمبيل گڏوگڏ بيٺا هئا. هنجي سامهون مهاڻو ۽ بختيار بيٺا مشڪي رهيا هئا.
”هاٿي ڇا ڪجي؟“ بختيار مهاڻو کان پڇيو.
”منهنجي خيال ۾، ٻهراڻ هنجي منهن تي چاڙهڻ ڏاڍو ڏک ڏيڻ ڪجي،“ چوندي مهاڻو جهنگليءَ کي ٿونشو هنيو. جهنگلي ڪري وري اُٿيو ته بختيار ڪيئن پيٽ ڏاري لس هنئين. جهنگلي چڪر کائي ڪرڻ. جڏهن اُٿيو ته پنهنجي ڪمربند مان ڪپ ڪڍيائين.
ڏرانا ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر مهاڻو ڪيئن همت سان جهليو. هنجي فولادي پڪڙ کان هوءَ درد کان ڪراهڻ لڳي.
بختيار به پنهنجو ڪپ ڪڍيو. جهنگليءَ چيو،
”توهين به آهيو ۽ مان هڪ آهيان.“

مهاڏيو مشڪي چيو، ”گهٻراءِ نه، توسان هڪ ئي لڙندو.“

جهنگليءَ پڇيو، ”اُڙڪڻ يا دڙڪڻ؟“

اُن پهاڙي علائقي ۾ ٻن قسمن جي وڙهه ٿيندي آهي. هڪ اُڙڪڻ، جنهن موجب چاقوباز ساڄهون وار ڪندو آهي ۽ جيڪو پهرين پنهنجي دشمن جو رت وهائي، سو ڪٽيل سمجهبو. ٻي دڙڪڻ، جنهن ۾ ايستاءِ وڙهه جو فيصلو نه ٿيندو آهي، جيستاءِ هڪ چاقوباز ٻئي جي پنيءَ مان پنهنجي چاقوءَ سان خون نه ڪڍي، چاهي ساڄهون پنهنجي دشمن کي ڪيترو به زخمي ڇو نه ڪيو هجيس.

”دڙڪڻ،“ بختيار ڏند ڪرٽي چيو، ”۽ جيڪو ڪٽندو، سو هيءَ ڇوڪري کٽندو.“

”چڱو شروع ڪر،“ جهنگليءَ بختيار اڳيان ڪپ ڏيکاريو.

بختيار يڪدم هن تي حملو ڪيو، پر هن پٺتي هٽي پاڻ بچايو. بختيار اڳتي وڌندو مشڪيو ۽ مهاڏيو کي چيو، ”ڏسج، هنجي سسي ڪيئن نه ڪيروليءَ وانگر ڪٽي ٽوٽي ڪريان.“

اُس پوءِ ٻه ٻئي هڪٻئي تي ڇري وار ڪندا رهيا. جهنگليءَ کي هڪ دفعو ٻانهن ۾ ۽ ٻيو دفعو ڪنڌ وٽ ڪپ لڳو ۽ رت وهڻ لڳس. جهنگليءَ سخت غصي ۾ بختيار جو ساڄو هٿ پنهنجي ڏاٻي هٿ ۾ پڪڙيو،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته بختيار وري سنڌس ساڄو هٿ پنهنجي ڏاڍي هٿ ۾ پڪڙيس. ٻئي پنهنجو هٿ ڇڏائڻ لاءِ ڪوشش ڪندي زمين تي ليٽڻ پائڻ لڳا. اوچتو بختيار جهنگليءَ جي ٻنيءَ تي ويٺي رهيو. هن سوچيو جو هڪ وحشي نهڪ ڏنو ۽ پنهنجو ڪپ ڪڍيو. پر جڏهن ٿي هن جهنگليءَ تي وار ٿي ڪيو ته جهنگليءَ هيٺان ٿي هيٺان، اهڙو پلٽو کاڌو جو بختيار مٿانئس لهي اچي هيٺ پيو ۽ سنڌس ڳچي جهنگليءَ جي گوڏن جي وچ ۾ اچي ويئي. جهنگليءَ يڪدم پنهنجو ڪپ ڪڍي ۽ ليزيءَ سان هنجي ٻنيءَ تي وهائي ڪڍيو. هڪدم رت جو فوهارو وهي نڪتو. هو ڇلانگ ماري اٿي کڙو ٿيو ۽ ٿورو پريان پيل بختاور جو ڪپ به کڻي ورتائين.

بختيار اٿيو ۽ پنهنجي ٻنيءَ تي هٿ ڦيرايائين ته اهو رت ۾ رنگجي ويو البت زخم اونهو نه هوس. تراشا وچان جهنگليءَ کي چيائين، "تو بازي جيتي، ڇوڪري تنهنجي آهي."

مهاڏيو چيو، "مان ڇوڪري نه ڏيندس."

بختيار چيو، "مون هاريو آهي. جيت، جيت آهي، هار، هار آهي. جيڪڏهين تون ڇوڪري نه ڏيندين ته اسين ٻئي توکي قيمو بڻائي ڇڏينداسين. ڇا سمجهئين؟"

جهنگلي ۽ هي ٻئي گڏجي ڪپ ڏيکارڻ لڳا.

مهاڏيو پهريان ته ڪاوڙ مان ٻنهي کي ڏسندو رهيو،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاريءَ ۾ وڃي وينو. لاري اک ڇڏپ ۾ اکين کان اُلوپ ٿي ويئي.

ٽرانا نوٽ راڄوءَ کي ڏيندي چيو، ”هي لون رک.“

”نه، لون ٿي رک.“ راڄوءَ غصي ۾ چيو.

راڄوءَ جي غصي کي ڏسي، ٽرانا کي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي. هن مشڪندي نوٽ پاڻوٽ رکيو ۽ راڄوءَ کي چيو، ”هل ته هلون.“

”ڇا ريل اچي ويئي؟“ راڄوءَ اُچرج ۾ پڇيو.

”نه ريل نه رات جو ايندي. هن وقت هل ته توکي ڏاڍي سٺي شيءِ ڏيکاريان.“

”اون... هون. ڏيکارڻ جي ڳالهه ڇڏ، ڪا کارائڻ جي ڳالهه ڪر. ڏاڍي بک اٿم.“

”جڏهن ڏس، تڏهن بک. جيڪڏهن مهاديو پئسا نه ڏني نه ڇا ڪرين ها؟“

”بکيو رهان ها. پر هاڻي ڪيئن رهي سگهندس!“

ٽرانا کلي ڏنو. ”ڏاڍو چالاڪ ٿيندو ٿو وڃين. ڇگو هل ته پهرين کائون.“

کاڌو کائي، ڪافي دير تائين گهمندا ڦرندا، وستا پڇندا، ٻئي ڄڻا شهر کان ٻاهر نڪري ويا. تڏهن راڄوءَ آرام جو ساهه کڻي چيو، ”شهر ۾ ته منهنجو دم ٿي گهٽيو.“

”توکي شهر ڪيئن لڳو؟“ ٽرانا پڇيو.

”شهر اندران گندو ۽ بدبوءِ دار ٿيندو آهي.“

”پيو ڇا؟“

”ماڻهن جا منهن مرجهايل هوندا آهن.“

”پيو ڇا؟“

”ماڻهو ائين هلندا آهن، ڄڻ ڪنهن مصيبت کان ڀڄندا آهن. ڪراڙا هوندا اٿن. پر هو ائين ڇو ٿا هلـن؟ ڪين ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟“

”مونکي ڪهڙي خبر،“ ڏرانا گنڀير ٿـي چيو، ”مونکي فقط اها سڌ آهي ته هاڻ ڪٿي هلڻو آهي.“

”ڪٿي؟“

”تاج محل.“

”تاج محل! اهو وري ڇا آهي؟“

”اُلي ته مقبرا آهن، جنکي ڏسڻ لاءِ سڄي دنيا مان ياتري ايندا آهن.“

”انهن مقبرن ڏسڻ لاءِ سڄي دنيا مان...“ راجوءَ ٿهڪ ڏيئي چيو، ”ڏرانا تون مونکي بيوقوف ٿي بڻائين ڇا؟“

”نه راجوُ، سچ. تون هلي ڏسي تسلي ڪر.“

راجوُ ڪجهه وقت سانت ۾ سوچيندو هلندو رهيـو. ٿوري دير کانپوءِ پڇيائين، ”توکي ڪيئن پتو پيو ته سڄي دنيا اُهي مقبرا ڏسڻ ايندي آهي؟“

”مون پنجين درجي جي تاريخ ۾ پڙهيو هو، جنهن ۾ انجو فوٽو به ڏٺل هو.“

”ڏرانا، تاريخ ڇا ٿيندي آهي؟“

”تاريخ... تاريخ،“ ڏرانا ڪجهه سوچي چيو، ”جڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو ڪو ڪارنامو ڪندو آهي، تڏهن اُها تاريخ بڻجي پوندي آهي."

راجوءَ ڪجهه وقت ماٺ ۾ ويو. پوءِ چيائين، "يعني نه مان بمبئي مان ٻن ڏينهن لاءِ پئسا ميڙي اچان نه اُها تاريخ ٿي پوندي؟"

ڌرانا اچي ٽهڪڻ ۾ چڙڪي. راجوءَ جو همٿ همٿ ۾ وڌي زور سان لوڏائي چيائين، "راجوَ! راجوَ! تون نه هاڻي تاريخ ٺاهڻ وارو ۾ ٿيندو ٿو وڃين."

هاڻي هوُ ٻئي تاج محل جي سامهون هئا. تاج محل جو در بند هو. ٻاهرين وڏي در وٽ ٻيو چوڪيدار نماز پڙهي رهيو هو. جڏهن هُن جي نماز پوري ٿي، تڏهن هو هنن ٻنهي وٽ ويا. ڌرانا چيو، "هي در بند ڇو آهي؟"

"در ورى رات جو کلندو، جڏهن چنڊ نڪرندو."

"چنڊ ڪڏهن نڪرندو؟" راجوءَ پڇيو.

"انڪل ٽن ڪلاڪن بعد." چوڪيدار جواب ڏنو.

"ليستائين نه اسانجي ريل هلي ويندي،" راجوءَ چيو، "ڌرانا، هل نه واپس هلون."

"نه. تاج محل ڏسي ٿي هلنداسين." ڌرانا مرڪندي سان چيو. پوءِ ڌرو وڏي چوڪيدار کي چيائين، "بابا، اسين ڏاڍو پري کان آيا آهيون. اصل پناڪوٽ کان به ڏاڍو دور پهاڙيءَ کان، تاجمحل ڏسڻ آيا آهيون. رات

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اسان کي ريل ۾ بمبئيءَ وڃڻو آهي. جيڪڏهن ٽاجمحل اڄ نه ڏٺوسين ته اهو ڪڏهن نه ڏسي سگهنداسين."

چوڪيدار ناڪاري ڪند ڌوڻي چيو، "حڪم ڪونهي."

"بابا، ايشور اَرپت، ٽاجمحل ڏيکارڻ ڏيو،" ٽرانا منٿ ڪئي.

"اڙي هاڻي ڇڏ ڪٺي،" راجوءَ ٽورو ڪڙڪ ني چيو. ڪيس ٽرانا جي چاپلوسي نه وڻي. "ٻه قبرون ته آهن. نه ڏٺيوسين ته ڇا ٿيندو؟ هل." راجوءَ ٽرانا جو هٿ پڪڙي ڇڪيو.

اچي ڏاڙهيءَ واري چوڪيدار کي اِهو ٻڌي يڪدم جوش اچي ويو. چيائين، "ٻه قبرون... فقط ٻه قبرون؟ چڱو هاڻي توهان کي ڏيکارڻو ني پوندم. هل ڪڪي."

ٻڌي چوڪيدار آهستي آهستي در کوليو. راجو اوچتو محسوس ڪيو ته ڄڻ هنجي دماغ ۾ ڪي دريون کلي رهيون آهن ۽ هڪ حيرت اَنگيز دنيــا پنهنجي جادوءَ ڀرئي منڊپن ۽ ٻرجن، محرابن ۽ منارن سان سندس اکين آڏو کلندي پيئي وڃي. هن دنيا جي عجيب اَجنبيت سان گڏ، کيس هڪ گهري پنهنجائپ جو پڻ احساس ٿيو. ڄڻ هن اهو نظارو ڪئي ڀيرا ڏٺو هو. شايـــد پنهنجن خيالن ني خيالن ۾ جهنگل جي ٻـهاڙيءَ وارن ڏيئن جي سمدن ۾، اَڏامدڙ اَڇن بادلن جــي ٽڪرن ۾، ڪئي، کيس هن سونهن، هن اَمر روپ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽرانا اُنهي ڪابه ورندي نه ڏنس. اڃا يو سوال هو، ۽ اُنجو جواب اڃايو ئي ڏيندو. مناري جون باقي ڏاڪڻيون به ماٺ ميٺ ۾ ختم ڪيائون. مٿي پهچي راڄو گستاخيءَ ڀرئي آواز ۾ چيو، ”مان تنهنجي لاءِ هڪ ڦهڙو تاجمحل ٺهرايان؟“

ٽرانا چنچل نگاهن سان ڏانهس نهاري چيو، ”ڇو ڀڳن ونڻ جو ويچار لاهي ڇڏيئه ڇا؟“

راڄوءَ هٿ جي اشاري سان، لاپرواهيءَ ۾، ڄڻ ڀڃي ڀڳن کي پنهنجي دماغ مان هٽائي ڇڏيو. هُن چوطرف نهاري چيو، ”اُف...اُف، هي نه منهنجي جهنگل کان به وڌيڪ دلڪش آهي!“

اوچتو ئي اوچتو هو سيڪجهه ڀلجي ويو. هُن پنهنجي دمــاغ ۾ تاجمحل کي جهنگل جي وچ ۾ ڏٺو- پنهنجي جاڙل سچالل ڪنهن جهنگل ۾.

جهنگل چؤطرف ڪاهيءَ وانگر ڦاٽي پيو هو ۽ اُنجي زمردي خوبصورتيءَ ۾ تاجمحل سفيد چهري وانگر چمڪي رهيو. هو هڪ مور ٿي ڄڻ ڪوهيڙي جي ٽڪرن ۾ ڪوهيل هي درشيه ڏسي رهيو هو. ڏيري ڏيري هن پنهنجي ڪمربند مان بنسري ڪڍي ماٺ ميٺ ۾ چپن تي رکي، اکيون پوري ڇڏيون.

هو دور کان آيل گيت جهنگلن، جهرڻن ۽ آبشارن ۾ پليل گيت، نيري آڪاس، اُڏامندڙن پکيڙن ۽ لڏندڙ ٽارين ۾ نپل گيت، جهومندڙ ماڙين، نچندڙ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهندي.“

”ڇتڻ ڏيندس ريل کي.“ راڄوءَ پنهنجا چپ ترانا جي ڇپن لي رکي ٿي چڏيا. هنجي چوگرد ڇتڻ محراب، منارا ۽ گنبذ بلند ٿيندا ويا. چارئي وغيره مان ڇتڻ روشنيءَ جا جهرٽا ڦٽي تي وهڻ لڳا. ڏکيا ڏکيا ساھ کڻندي، تاجمحل جي حسن ۾ بدل مدهوش چاندوکي، پيار جو مينار، هنجي چپن ۾ ملائيندي ويئي.

هو ٻئي مال گاڏيءَ جي گاڏي ۾ وينا هئا. ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان، اڌ کليل در مان ٻاهر جو بدليل نظارو ويني ڏٺائون. ريل ۾ هنجو هي پهريون سفر هو. هو ڪيترا نه خوشنصيب هئا، جو سڄي گاڏي ۾ هنن سان گڏ، هڪ ميڙهن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه نه هو. اڌ کليل در مان ٿڌي هوا جا جهوٽا پئي آيا. انهن جهونڪن، جڏهن ترانا جا وار اڏائي سندس ڳلن لي ٿي آندا، تڏهن راڄو هنڪي پنهنجن هٿن سان هٽائيندو ٿي ويو. جڏهن راڄوءَ جون آڱريون هڪ پل لاءِ ترانا جي ڳلن کي ڇهنديون هيون ته انهيءَ رت جي حرڪت تيز ٿيڻ لڳندي هئي. پيار ڪيڏو نه هٿن ۾ به کهڙو نه جادو ڀريل آهي! ان وقت راڄو بسري وڃائڻ چاهيندو هو، پر ”هش...“ چئي ترانا روڪيندي هئس، ”پاسي ۾ ويٺل ٻڌي وٺندا.“

هن مال گاڏيءَ ۾ ڪيترين ئي ميڙهن ٻمبئيءَ ني

”ڇي!“ چوندي ترانا لڄ کان لال ٿي وئي.

راجوءَ ترانا جو هٿ پڪڙي چيو، ”هل ته هن موٽر

کار اندر وهون.“

”نه، ڪير ڏسي ويندو.“

”اڙي ڪير ڏسندو؟“ چئي هن هٿندل گهمايا

جي سڀ اندران بند هئا. ٻنهي کي ڏاڍي مايوسي ٿي.

رات جي اُنڌڪار وڌي رهي هئي. هوا به تيز پئي

لڳي. ترانا سيءَ محسوس ڪري رهي هئي. هوءَ

يڪدم سوڙهي سڪوڙجي ٿي راجوءَ جي پاسي ۾ اچي

ويهي رهي. هن آهستي آهستي پنهنجو پاڇکي راجوءَ

جي ڇاتيءَ تي ڪري ڪيرايو هو ۽ ڏکوِ ساهه کڻي،

ڏاڍي راضي نيل آواز ۾ چيو، ”هيءَ ڪلٽي آسمان واري

پکڙيل تارن واري رات ڏاڍي سٺي آهي.“

”هون...“ راجوءَ ڏيري جواب ڏنو.

”راجو، ڇا پيو سوچين؟“

”ترانا، مون سوچي ورتو آهي.“

”پر ڇا سوچيو اٿيئي؟“

”مان بمبئيءَ ۾ وڃي، تو لاءِ هيڏي وڏي موٽر

وٺندس......“

”تون ته اُتي به ڏيڍا ونڻ لاءِ سوچي رهيو هئين.“

”نه.“

”ءِ مون لاءِ، تاجمحل به اڏائي رهيو هئين نه!“

”نه... هاڻ تو لاءِ هڪ موٽر وٺندس. هن کان به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇلانگ ماري لهڻ جي ڪوشش به نه ڪئي، ڇو راڄوءَ مع ڪيس ۽ رڙ ڪري چيائينس، ”گهٻراءِ نه، ترانا، اسين بمبئيءَ ۾ ملنداسين. مان توکي ڪيڏن به ڳولي لهندس.“ ترانا بيوس ۽ مجبور ٿي اڌ کليل در کي پڪڙي بيٺي هئي ۽ مايوس نگاهن سان هنکي تڪيندي رهي.

راڄوءَ کي پريان گاڏي هڪ ٽبڪي وانگر پئي لڳي، جو ٽبڪو به ڏيري ڏيري غائب ٿي ويو. هو ريل جي پٽي تي اڪيلو ڪتو هو. سوچڻ لڳو، ”بمبئيءَ ۾ مان ڪٿي ويندس؟ ترانا ڪٿي هنجو انتظار ڪندي؟ ڪيئن ڳڌجندي؟ بمبئي ته شاهي شهر آهي، ڪٿي پيو ڳوليندو وسانس؟“

## بستي بستي پنڌيو مسافر

بمبئيءَ ۾ مال گاڏي، گورياڱاڻ اسٽيشن تي پهچي رڪي ۽ پوءِ ريلوي يارڊ جي اُصل پڇاڙيءَ تائين هلي ويئي، جتي گاهه جا وڏا وڏا ڳنڍا رکيا هئا ۽ ڪيترا گوال پنهنجين مينهن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. جڏهن گاڏي بيٺي ته ڪيترا پٽيا مينهن کي لاهڻ لاءِ ڳڏ ٿي ويا. ترانا ٻاهر ليٽو پاٽي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري. گاڏي مان ڇلانگ ماري ٻاهر آئي. اوچتو اُن گاڏي جي مينهن واري، جنهنجو نالو راڌو هو، تنهن لهندو ڏسي ورتس. هو سندس پنيان آيو ته هوءَ وئي ڀڳي. ڇو راڌي تڪڙو

ڪرچ ۾ ويٺي هئي. ڪمري ۾ يسوع مسيح ۽ مريم جون رنگين مورتون ٽنگيل هيون. در ۽ درين تي نيري رنگ جا پردا ٽنگيل هئا. ٿلهي زال ناول وٺي پڙهيو. ناول ۾ هڪ اڌ-ننگي عورت جي تصوير هئي، جنهنجو سينو لڳ ڀڳ ننگو هو. ڏرانا گهبرائجي پنهنجي سيني تي هٿ رکيو. وڪٽر ڪيس گهوري ڏٺو. پوءِ راڌي کي وٺي ٻاهر ويو.

”ڪيئن آهي؟“ راڌي فخر سان پڇيو.

وڪٽر وراڻيو، ”٥٠٠ رپين جو مال آهي.“

”وڃ وڃ، پڪو هڪ هزار وٺندس. سڄي بمبئي گهمي اچ ته به اهڙي ڇوڪري نه ملندءِ.“

”اصل گجراتڻ ٿي لڳي. سهڻي صورت ٿي ...

تي پيو، ليڪڻ به نه ڪين نه. مونکي ڇهه مهنا آ... ماري ڪٽي سيڪاڙٽو پوندو. پنج سؤ به گهڻا اٿيئي.“

”چڱو، ٧٠٠ ڏج.“

وڪٽر چيو، ”٥٠٠ هينئر وٺ، باقي هڪ سؤ ... پوءِ ڏيندو سانءِ.“

”چڱو، ٥٠٠ هينئر ڏي.“

”ممي، ممي“ وڪٽر ٿلهي عورت کي سڏ ڪيو. هوءَ ٻاهر آئي ته وڪٽر کيس گوئاني ٻوليءَ ۾ ڪجهه چيو. ٿلهي زال اندر ويئي. جڏهن ڪجهه وقت بعد آئي ته هن ٥٠٠ رپيا وڪٽر جي هٿ ۾ ڏنا. اٿئي ه... ورتي راڌي کي ڏنا، جيڪي وٺي رفوچڪر ٿي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرٽين جي چوگرد هڪ سيمنٽ جو لوڙهو ٺهيل هو. اُن اڳيان هڪ ۱۴-۱۵ سالن جو ڇوڪرو رنگين بشرٽ ۽ خاڪي نڪر پاتل ويٺو هو. هو سيٽي وڄائي رهيو هو ۽ هي سڄو تماشو ڏسي رهيو هو. وڪٽر کيس سڏ ڪري هڪ روپيو ڏيندي چيو، "جان، هڪ ٽئڪسي ته وٺي اچ." جان روپيو وٺي، ڀڄندو ڏاڪڻيون لهندو هيٺ لهي آيو.

ٽئڪسي ڪرلابا ڏانهن ڊڪندي پئي وئي. پهچڻ تي وڪٽر ترانا کي پڻ اهوئي چيو ته هو ڪيس پوليس حوالي ڪرڻ وڃي رهيو آهي. ترانا هلندڙ ٽئڪسيءَ مان ٽپي نه سگهي، پر وڪٽر جي گهر کان نڪرڻ کان اڳي ٻه ٽي دفعا ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري چڪي هئي، ليڪن ناڪامياب ٿي هئي. هن دل ئي دل ۾ پوليس کي ٻه پاڻ بابت سڄو احوال ٻڌائڻ جو فيصلو ڪيو. هوءَ پاڻ پوليس کي شڪايت ڪري، ٻنهي ماڻهن جي ڌمڪين کان سدائين لاءِ آجي ٿي ويندي. هن سوچيو، ڪيس هاڻي ڪو به اهڙيءَ طرح نه ڪڍي سگهندو. هوءَ پناه گهرڻ کان به ڪافي دور هئي. هتي پڻ نمبردار جي حرص هوس جي ڪاررواين کان به بچيل رهندي.

انڪري جڏهن وڪٽر کيس پوليس ۾ وٺي وڃڻ لاءِ چيو، تڏهن هن اهو دل ۾ قبول ڪري ڇڏيو. جڏهن ٽئڪسي هڪ نئين پنج ماڙ جڳهه اڳيان اچي بيٺي تڏهن ترانا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيو، ”ڇا پوليس اسٽيشن اچي ويئي؟“
”ها، لهو.“

ترانا ٽئڪسيءَ مان ٻاهر آئي. وڪٽر ٽئڪسي بيهاري ڇڏي ۽ ترانا کي لفٽ ۾ پنجين ماڙيءَ تي وٺي ويو. اُتي هن ڪنڊ واري فليٽ جي گھنٽي وڄائي ته هڪ ڏنو مڙو پنجابي نوجوان، سلوار ۽ خميس پهريل، نڪري آيو. هنجا وار ڊگها هئا ۽ اکيان ۾ ڏند سون جا هئس. هو مشڪي رهيو هو.

”مئڊم اندر آهي؟“
”ڪون ڪير آهين؟“ پنجابيءَ پڇيو.
”مئڊم کي چئو، وڪٽر آيو آهي.“

دروازو بند ٿي ويو. ٿوري دير بعد مئڊم پاڻ دروازي کان ليٽو پاتي ڏٺو. وڪٽر کي سڃاڻي مشڪيائين، ترانا کي ڏسي وڌيڪ مشڪيائين ۽ سڄو در کولي چيائين،
”اُچو... اندر اُچو.“

ترانا ۽ وڪٽر اندر ويا. هڪ نيم اونداهي شيڊ هئي، جنهنجي ٿلهي غاليچي ۾ پير اندر دبجندا پئي ويا. شيڊ جي هڪ طرف پيت هئي، ٻئي طرف پلاءِ ووڊ جي ڪئبن هئي. ڪئبن جي اندر زنانن ٽهڪن ۽ شرابي زالن جا آواز پئي آيا. روشني جهڪي هئي. هڪ ڪئبن مان هڪ اڌ-ننگي عورت پنهنجو بلائوز هٿ ۾ کڻي ٻاهر نڪتي ۽ چلايائين، پر هڪ ڪاري مضبوط هٿ کيس هڪدم اندر ڇڪي ورتو. ترانا فقط هنجو ننگو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيدو ڏنـــو ۽ دنگ رهجي ويئي. پڇيائين، ”هيءَ ...
هيءَ پوليس چونڪي آهي؟“

وڪٽر وراڻيو، ”ها، زالن جي پوليس چونڪي...“

”اوهه ... زالن جي الڳ پوليس چونڪي ٿيـــندي آهي. اسانجي ڳوٺ ۾ نه مردن زالن لاءِ هڪ ئي پوليس چونڪي آهي.“

”هيءَ بمبئي آهي...“ وڪٽر ڳرانيءَ سان چيو.

مٺبر، ڏرانا کي ٻن ڪرڙوين زالن جي حوالي ڪيو. هنجي ڪن ۾ ڪجهه چيائين ۽ پاڻ وڪٽر کي وٺــي پنهنجي آفيس ۾ هلي ويئي.

مٺبر پيلو مڇن ڪري وڪٽر کي چيو، ”تون هنکي مال ٿو چوين؟“

وڪٽر وراڻيو، ”هڙو مال نه تنهنجي وشاليه ۾ اڄ نه هوندو. هڪ ته ڇوڪري هنجي پيرن لائق ته ڏيکار نه هڪ پئسو نه ونندوسانءِ.“ مٺبر چيو، ”توکي خبر آهي نه شهر جا وڏا ماڻهو، پڙهيل ڳڙهيل، اميـــر، آفيسر وغيره مروت ايندا آهن... ڇا هيءَ ڳنوارڻ هننکي وڻندي؟“

”مٺبر، تون نه هنکي جلدي سيڪاري ونندينءَ. تو ڏٺو اها ڪهڙي سورهياڻي آهي؟ ليڪن ڏس نــه سهڻي، ڪيتري نه خوبصورت آهي، جهڙو چنڊ جو ٽڪرو، ڇا ڀولي ڀالي، شريف، معصوم ۽...... گلئسڪر جي پاڻرڙ

وانگر اُٿيڇهيل. يسوع مسيح جو قسم- وٺي رکيس.“
”بي ايم ر ٠٠٠“ مُئدم کليو، ”٧٥٠ رپيا ڏيندس.“
”١٢٠٠ ۾ گهڻي اُٿم، ٥٧٠ ۾ ڪيئن ڏيندس؟“
”ساڍا ست سؤ ته گهٽا اٿيئي.“

”مُئدم، تو هيءَ وار ٻرم ڪرايا، جنهن لي لپسٽڪ لڳايئه ۽ نئين فئشن جو ڇوغو ٻهرايس، انگريزي گٽ مٽ سيکاريس ته هيءَ ساڍا ست سؤ رپيا ٻن ڏينهن ۾ ڪمائي ڏيندءَ. بڌاءِ اهڙو سؤدو لائق آهي؟“

”چڱو، ٩٠٠ رپيا وٺ.“

”نه، يسوع مسيح جو قسم، مريم جو سُنهن، مون هنکي پوري هڪ هزار رپين ۾ خريد ڪيو آهي، ٻارهن سؤ وٺڪ ناهن. تو سان ته مهنجو جهونو ڏنڌو هلندڙ آهي. بـــڌاءِ ڪڏهن مهنجي مال لاءِ شڪايت ملي اٿيئي؟“

مُئدم ١١٠٠ رپيا ڪڍي وڪٽر جي هٿ ۾ رکيا. هو سيٽي وڄائيندو هليو ويو. ترانا سان ٻـــ ملڻ جي ضرورت نه سمجهيائين. جڏهن وڪٽر ويـــو، تڏهـــن مُئدم مٽل سيٺ کي فون ڪيو.

”هيلو... ڪير؟ اوهه سي- سي.“ مُئدم جو سچو سچو نالو ته الاجي ڇا هو، پـــر سڀ ڪيس سي- سي ڪري سڏيندا هئا. ”هان! سچ پچ هنکي وٺي جلد اچ.“ مٽل فون لي ڇيس. پوءِ هن آهستي وسڪيءَ جو ٻه ڪ پيتو ۽ چيو، ”نـــ... نه اهڙن ڪمن لاءِ مرنڪي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا سپ مزا ماڻي چڏيا هئا ۽ هاڻ هـو هر رات جو ننڍين مزي لاءِ بيقرار رهندو هو. ليڪن دنيا جا مزا ته محدود آهن. کائڻ پيئڻ، رلڻ پنڻ ۽ سمهڻ. انکانپوءِ باقي بچي ٿو، غم جو مزو. مگر شاهوڪار ماڻهوءَ کي غم ڪٿڙو ٿي سگهي ٿو؟ زندگيءَ جي کيل جو هرڪر مهرو سندس همت ۾ آهي ۽ هو هرڪا راند جيتي ٿو. هارائڻ جو مزو پلاءِ شاهوڪار ماڻهو ڇا ڄاڻي؟

مئبدم سي - سي جڏهن ٽرانسا کي وٺي متل وٽ پهتي، تـڏهن کيس اُن ڳـالهه ۾ ڪو بـه شڪ نه هو ته متل ٽرانسا کي ضرور پسند ڪندو. اهڙي حسين ڇوڪري هن مئبدم ڪڏهن خياليءَ ۾ به نه ڏٺي هئي. ليڪن مئبدم لاءِ مسئلو هي هـو ته ٽرانسا کي، پنهنجي ڪافي هائوس لاءِ ڪيئن رزرو رکي.

اهوئي مسئلو هنهي جي سامهون کـڙو ٿي ويـو. سي - سيءَ چيو، ”ڇـوڪري ڏاڍي سهڻي آهي، معصوم، ڀـالي ڀولي، گلئڪسو ملڪ پائوڊر وانگر، اُڇيهيل.“ هن وڪٽر جو جملو دهرايو.

”مونکي گلئڪسو ڏاڍو وڻندو آهي،“ متل چيو.

”مان نمبر ون ڪافي هائوس لاءِ رکڻ چاهيانس ٿـي.“

”مونکي ڇوڪري پسند آهي،“ متل چيو.

”متل، بزنيس کي نه وسارجو.“ سي - سي پنهنجي سيڪٽر پارٽنر کي سمجهائڻ لڳي، ”هيءَ جيڪڏهـن

ڪافي هائوس ۾ رهي ته پهرئين سال ۾ هر رات جو ٥٠٠ ڪان گهٽ نه آڻيندي، ٻئي سال ته سؤ ٻ جيڪڏهن پوري سيپال سان هلائي ويٺي ته ڏهن سالن لاءِ هر روز هڪ سؤ رپيا آڻيندي. ذرا سوچ تنهنجي مرڻ ڊرائيو جي بلڊنگ مان ئي ماهوار مسواڙ اينري نٿي ملي. لوهه جي اسٽيل لڪرن جي بزنيس مان به اينرو فائدو ڪونهي. ڊپارٽمينٽ اسٽور ته چئن سالن ۾ اينرو فائدو نٿو ڏئي، جيترو هيءَ ڇوڪري پهرئين سال ۾ ڪري ڏيندي. بزنيس جي ڳالهه ڪر.“

”بزنيس جي ڳالهه ته روز ٿيندي ٿي. گهٽي ورلڌ؟“

”ٻه هزارن ۾!“ سي-سي جلد جواب ڏنو.

مثل ڪيسي مان چيڪ بوڪ ڪڍي پنجن هزارن جو چيڪ ڦاڙي ڏنو ۽ چيو، ”لون سال بعد ڪيس وٺي وڃج، ٿي سگهيتو، ڇهين مهني يا ٿي مهني ڪانپوءِ ٿي هوءَ موڪلي ڏيان. ليڪن سي-سي، ائين محسوس ٿو ڪريان ڄڻ ڪيس سڄي عمر لاءِ وت وهاري ڇڏيان.“

”ها، هنجي حسن ۾ هڪ شعلو پيو جهلڪا ڏئي. هنجي معصوميت ۾ هڪ چئلينج آهي. هنجي خوبصورتيءَ ۾ برفيلي پهاڙن جي پاڪيزگي آهي.“ هوءَ خود هڪ فريبي عورت هئي. اڃانڪ پاڪلي سين نديءَ جي مائرن ۽ پهاڙن ۾ گهمند و محسوس ڪيائين. ڪڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار، ٻه ٽي ڏينهن پاڙهيندس.“

منڊم چيو، ”سين جي ماٿرين ۾ اچا ٿائين برف جميل آهي. اُنکي پگهرجڻ ڏي.“

”دل جي ماٿرين جي برف، سج سان نه، پر شيمپين سان پگهرجندي آهي، سي - سي.“ مٽل زور سان ٽهڪ ڏنو.

صبح ٿيندي ئي، بيڊروم ۾، آدم قد آئيني اڳيان، هلڪي گلابي ريشمي پردن ۾، گلدانن ۾ ٽهڪيل نرگسي گلن ۾، ريڪارڊ پروگرام جي ڇهيڙي ڇهيڙي سنگيت جي سرهاڻ ٿهلائيندڙ دونهي ۾، ٽبراٽا جي سونهن نکري آئي هئي. هوءَ مٽل جي سامهون وهٺي هئي. ٻنهي جي وچ ۾ ميز پيل هئي. اُن تي ڪاڏي پيٺي جرن شيون ۽ شيمپين جا ٻه گلاس رکيا هئا. مٽل پنهن جو گلاس کڻي چيو، ”ڪرڻ، شربت پيءُ.“

ٽبراٽا شربت پي چيو، ”عجيب شربت آهي. اسانجي ڳوٺ ۾ نه شربت مٺو ٿيندو آهي.“

”هي شهر جو شربت آهي.“

”شهر جي هرڪا ڳالهه نرالي آهي. مونکي ڪهڙي ڪل نه هئي ايندي ٿو جهڙو مهربان ماڻهو ملي ويندو جو مونکي هر طرح مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو. راڄوءَ کي جڏهن اِنجو پتو پوندو ته هو ڪيترو نه خوش ٿيندو.“

”راڄو! هي وري ڪير آهي؟“ مٽل چڙڪي پڇيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽرانا جي ڇهري ڀي لالائي ٿهلجي ويئي. لڄ ڪان مکڙو ڪٽي جهڪائي ڇڏيائين.

”پر ڪير راجو ڪير آهي؟“ مٺل ڪڙڪ ٿي پڇيو.

ٽرانا هنکي سڄو قصو ٻڌايو. قصو ٻڌي مٺل ڏاڍي لاڏ سان ٽرانا جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتــو ۽ انکي ٻئي هٿ ۾ دٻائي چيو، ”چنتا نه ڪر، سياڻي ٿي منهنجا ماڻهو هنکي ڳولهڻ ويندا. هنکي سڄي شهر جي اِلي پتي جي خبر آهي.“

ٽرانا اَحسانمند نگاهن سان نهاري چيو، ”تــون ڪيترو نه سٺو آهين! منهنجو پيءُ به اهڙو سٺو نه هو. هـــن مـــونکي ٧٥٠ روپين ۾ پـــوڙهي نمبردار وٽ وڪڻي ڇڏيو.“

مٺل کي ان ڳالهه تي غصو نه لڳو پر اهو پي ويو ۽ مشڪي هنجو هٿ دٻائيندو رهيو، جيستائين ٽرانا اهو پري نه ڪيو هو. مٺل چيو، ”شربت پيءُ.“

”نه، منهنجو مٿو ٿو ڦري،“ ٽرانا آهستي چيو،”هي ڪهڙو شربت آهي؟“

مٺل چيو، ”هنکي هڪ ٿي گهٽ سان پي وڃ نه مٿو چاڪ ايندءِ. ڏاڍو سٺو آهي.“

ٽرانـــا هڪ ٿي گهٽ سان شيمپين جـــو گلاس خالي ڪري چيو، ”تون مونکي سڪول ۾ مـــاستري وٺي ڏيندي نه؟“

”مون توسان اَنجام ڪيو آهي.“ مٺل وشواس ڏيارايس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان... اگتي ... لڙهڻ ... منهنجو مطلب آهي اڳتي پڙهڻ ٿي چاهيان.“

ٽرانا جون اکيون ڦاٽي ويئون. هاڻ هنکي هڪ ٻدران ٻه مٿل نظر ٿي آيا. عجب ۾ پنهنجون اکيون مهٽڻ لڳي. مٿل پنهنجي ڪرسي ڇڏي، هنسان گڏ وڃي اسٽري تي ويٺو ۽ هنجي ڪمر ۾ هٿ وجهي چيائين، ”پياري ٽرانا!“

ٽرانا هڪ رڙ ڪري اُٿي. يڪدم ميز تان هڪ ڪانٽو کڻي چيو، ”خبردار، جي منهنجي ويجهو آيو آهين.“

”جهنگلي ڇوڪري!“ چوندي مٿل هنجي مٿان ليٽيو. ٽرانا به بجليءَ جي تيزيءَ وانگر ڪانٽو سندس ڳچيءَ وٽ کپايو ۽ گلدان کڻي مٿي تي هنيائينس. پوءِ لت جيڪو هٿ آيس سو مٿل کي هڻندي ويئي. هو رڙيون ڪرڻ لڳو. نوڪر اندر ڀڄندا آيا. ٽرانا ٻي ڪا واهه نه ڏسي سامهون دريءَ مان هيٺ ٽپو ماري، جيترو ٽيڪ مٿل ”نه، نه“ گهٽي ڪيس. هوءَ هيٺ هڪ دڪان جي ڇت تي وڃي ڪري جا لوهي هئڻ جي باوجود ست نه سهي وڃي ڦٽ ڦاٽ تي ڪري. ٽرانا کي خير ڪا چوٽ لڳي. ڇت جي ڪرڻ جي آواز تي ماڻهو هتان ڏانهن اچڻ لڳا. پر هوءَ جلدي اُٿي هڪ گهٽيءَ ۾ گهسي ويئي، جا پيٽرول پمپ جي پٺيان ٿي ويئي. هوءَ اڳ پٺ نه سوچي، ڊوڙندي گهٽيون ٻڙاريون پار

ترانا لئي ئي چنڊيندي هئي. سڄو وقت ڪيس ڪم ۾ رُڌل رکندي هئي، ۽ پنهنجي اکين اڳيان وهاريندي هئس. هوءَ هڪڙي ڪاٺو ڳهت ڏيندي هئي، ڪم مان ويڪون ڪڍندي هئي، ڏهڪائيندي هئس نه حرف نه پٽيندي هئس.

هي سڀ خواب ڳالهيون هيون. ۽ هوءَ ڇا ڪري! ٻار به نه مجبور هئي. زندگي ۾ ڏڪا کائڻ بعد ڪيس هي پتي مليو هو. ڇا هوءَ پنهنجي پيدائي جي پوئي-جي پنهنجن هٿن مان وڃائي وهي؟ مايا سڄو وقت لسرانا خلاف، پنهنجي پتيءَ جا ڪن پيئي ڀريندي هئي. هڪ ڏينهن شام جو جڏهن ڪنگاڌر گهر موٽيو نه مايا رڙ ڪري ورنس ”لنهنجي لاڏليءَ ڪي ڏي ڪلاڪ ٿيا آهن ا-زار وئي، اڃا نه موٽي آهي.“

”رستو ڀلجي ويئي هوندي.“ ڪنگاڌر چيو.

”ڳوٺ مان بمبئيءَ ڪيئن آئي. سچ ٻڌاء، لڪي ڇپي لوسان ڳڌجڻ نه نه ايندي آهي؟“

”ڇا پيئي ڳالهائين؟“ ڪنگاڌر غصي ٿي ويو.

”مردن جي ذات لئي بيوفا ٿيندي آهي، مان سيڪجهه جاڻانٿي.“ مايا به ڪروڌ ۾ اچي ويئي.

”بڪواس بند ڪر.“ ڪنگاڌر ڏڪ ئڪاءَ ڪيس. هڪڙان اڳ هن ڏڪ نه ڇا هڪ ڳار به مايا کي نه ڏني هئي.

مايا زار زار روئڻ لڳي. ڪنگاڌر غصي ۾ هيٺ لهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو. ڊاڪٽر تي ترانا گڏجي ويس. هن چپ چاپ ترانا
کان پڇيو، ”هيتري دير ڪٿي لڳايئہ؟“
ترانا پهرين ماٺ ۾ رهي. پر پوءِ گنگاڌر گرجي پڇيو،
”ٻــڌاءِ؟“
”مان راجوءَ کي ڳولڻ ويئي هئس.“
”راجوُ ڪير آهي؟“
”راجوُ مونسان گڏ بمبئيءَ پئي آيو ۽ رستي ۾ اسين
هڪٻئي کان جدا ٿي وياسين. مان روز کيس ڳــولڻ
ويندي آهيان، پر اجا تاءِ نہ گڏيو اٿم.“ ترانا جي اکين
۾ آنسو ڀرجي آيا.
”ســـ لــکــن ماڻهن ۾ هو لـــوڪي ڪٿان ملندو؟“
اچانڪ گنگاڌر جو لهجو نرم ٿي ويو.
” لـــ مان هنکي ڪيئن ڳـــوليان؟ مونـکي راجو
ڪٿان ملندو؟“
گنگاڌر پيلا ڪهڙو جواب ڏئي هـــو ماٺ ميٺ ۾
هيٺ هليو ويو. ترانا ٻہ ٽي آئي ۽ در وٽ مايا بيٺي
هئي. اکين مان آگ جـــا ألا وسائيندي ڏسڻ لڳيس.
هن گنگاڌر کي ترانا سان ڊاڪٽر تي ڳالهائيندو ڏنـــو
هو، سو پڇيائينس، ”تون ڊاڪٽر لي هدسان ڪهڙيون
ڳالهيون ڪري رهي هئينءَ؟“ ۽ پوءِ جواب لاءِ ترسڻ
بـــنا ئي در بند ڪري ترانا کي چوٽيءَ کان پڪڙي
ماري ماري اڌ مئو ڪيائين. ترانا پاڻ کي بچائڻ جي
بيحد ڪوشش ڪئي، مگر مايا جي هٿن ۾ اڄ ڏهن

سرڙن جا ڳلڙ ۽ ٻڏڪن جون قطارون هيون ۽ اُنهيءَ وچ مان لنگهندي، ڊوڙندي، ڇلانگ ماريندي، ”راجو راجو“ چلائيندي وڃي رهي هئي ترانا. جڻ ٻنسريءَ جي ڌن ريشم جي هڪ ڌوري هئي، جنهن سان ٻڌجي هوءَ بيقرار روح وانگر هلندي پئي وئي.

اُچانڪ هنجي سامهون سمنڊ اچي ويو. سمنڊ جي ڪناري پرسان پٿر لي راجو ويٺو هو. راجوءَ جي پٺي ترانا طرف هئي ۽ هو ساگر کي ٻنسري ٻڌائي رهيو هو ۽ هنجي درد ڀري، ارمان ڀري تان، ساگر جي لهرن لي ڦهلجي وڃي رهي هئي.

”راجو!“ ترانا پنهنجي سڄي طاقت سان پڪاريو.

راجوءَ مڙي ڪيس ڏٺو. ترانا ٻئي هٿ ڦهلائي هن ڏانهن ڊوڙي. راجو به ڇلانگ ماري ترانا ڏانهن ڀڳو. ٻيچندي ٻيچندي اچي هڪٻئي جي ٻانهن ۾ جڪڙجي ويا. ترانا اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. سمنڊ خوشيءَ سان ڪلڻ لڳو. اوچتو سمنڊ جي هڪ زوردار لهر اچي سندن پيرن پسائي ڇڏيا، جڻ سمنڊ جي ڳجهيءَ جــون ڦيڻگون ڪين ڇئي رهيون هيون. ”ساگر، پيار ڪندڙن کي پرڻام تو ڪري.“

هو ٻئي ڪيترا ڪلاڪ سمنڊ جي ڪناري لي ويٺا ڳالهيون ڪندا رهيا ۽ سمنڊ جو پاڻي، سندن پيرن سان ٽڪرجي، مدهوشيءَ جي عالم ۾ جهومي جهومي واپس پئي ويو ۽ هنجي پيرن پنيان ناريلن جي جهڳٽن ۾ ڪٽري

ڪيل هوٽل، نــاچ ڪدڙن لاء انگريزي سنگيت وڄائيندو رهي ۽ خوشبودار هوائون ڏرانا جي زلفن کي راڄوءَ جي ڳلن لي پڪڙ ٻيديون رهيون. هو ٻئي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پٿر تي ويٺا روح رهاڻ ڪندا رهيا. ليڪن رات لاء نہ نہ وقت ئي رهيو هو، نہ سمنڊ، نہ پٿر، نہ هوٽل، نہ سرهاڻ نہ سنگيت.

اڄ ساري سنسار ۾ هو ٻئي اڪيلا هئا. اڄ وقت هڻن لاء ئي هو، سمنڊ جي ويڙ لهرن ۽ چنڊ هڻ هنن لاء هئي ۽ هوٽل ۾ وڄندڙ انگريزي سنگيت جو هرڪو گيت هنن لاء هو. هن ئي ڪن ۾ سڄي دنيا هنن جي هئي ۽ هيءَ دنيا اصل ۾ هيلينا ء مري چڪي هجي هــا؛ جيڪڏهن محبت جي هرڪا پل انکي تازو توانـــو نہ ڪري ها.

رات جو ١٢ بجي ڪن چڪر هڻندڙ سپاهيءَ اچي هنکي سپنن جي سنسار مان جاڳايو - "وڃو پنهنجي گهر."

"ڇو؟" راڄوءَ پڇيو.

"هڪ سهڻي ڇوڪريءَ ڪـــي ڪچ ۾ ونيو ويٺو آهين ۽ پڇين ٿو مونکان، ڇو؟ اڄڻي ئـــوري وقت ۾ هتي چاقو هڻندڙ گونڊا ايندا ۽ توکان ڇوڪري کسي ويندا. پڇو هتان. هتي مونکي اڪيلي سر ڏيڍ ميل چڪر لڳائڻو آهي. توهان کي ڪتان بچائي سگهندس. وڃو گهر. باقي پيار پنهنجي گهر ڪجو... ها، ها ڪجهه

سپاٽي لاءِ ٻه ٽه رڪو. هلو وڃو ٻڌهيءِ گهر...“

هو ٻئي پٽ تان اُٿي کڙا ٿيا. راجوءَ ڏاڍي اُداسيءَ سان پڇيو، ”ليڪن اسانجو گهر آهي ڪٿي؟“

”بمبئي سينٽرل جي ڀرسان، پيٽرول پمپ جي سامهون، فٽ پاٿ تي... هــر اُها ٽولاءِ سٺي جڳهه ڪانهي.“

”ڇو؟“

”اُتــي ونشيائن جــا دلال سڄي سڄي رات ڦيهندا آهن.“

”اسانجي ڳوٺ ۾ ٽه هڪ ٻا ونشيا ڪانهي.“ ٽرانا ڪجهه وقت چپ رهي چيو.

”اسانجي ڳوٺ ۾ ٻه ڪانهي،“ راجوءَ چيو، ”اُهي فقط شهرن ۾ ٿيندا ٻون آهن.“

ٽرانا آهه ڀري چيو، ”۽ اڇن ڳوٺن مان ٿيون.“

هو ٻئي ڪجهه وقت ماٺ ڪري هلندا هليا. پوءِ راجوءَ چيو، ”هل ڪٿي ٻه سمهي پرنداسين. بمبئيءَ ۾ اڌ خلق ٽه فٽ پاٿ تي سمهندي آهي ۽ اڌ جاڳندي آهي، جا اُٿي وڏو وڏو ڏنڊو ڪندي آهي.“

”رات جو فٽ پاٿ تي ڪهڙو ڏنڊو؟“

”چرش، شراب، سٽي، جوئا، عورتن، خونٌ ۽ قتل جو، ڪهڙو ڏنڊو نـــه ٿيندو آهي؟“ چوندي راجوءَ ٽهڪ ڏنو.

ٽرانا ٻيهر ٻون دفعو راجوءَ کي هڪ نئين نظر سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو ۽ ڏيري ڏيري چيو، ”هِدن ۾ مهڏن ۾ لسون ڏاڍي وڏي ۽ بدلجي ويو آهين، راجو.“

راجوءَ کلي ڏنو. ”نه ڏراٽا مان نه بدليو آهيان، صرف منهنجا ڪپڙا بدليا آهن. پهاڙي پوشاڪ پايان ها ته ڪير نوڪري ڏئي ها؟ هتي هرڪو، اوڪهر جو نوڪر به خميس سوٽ پائيندو آهي.“

”پلا تون ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟“

راجوءَ هٻڪندي چيو، ”مان ... مان بمبئي سينٽرل لي ڪوليءَ جو ڪم ڪندو آهيان.“

”تي سوٽ پائي؟“

”نه پکلي، هي نه مان راند جو پائيندو آهيان. ڏينهن جو ڏولي ڪرلو پائي ڪم ڪندو آهيان. راند جو جڏهن سمنڊ جي ڪناري تي ايندو آهيان، تڏهن سوٽ پائيندو آهيان.“

اوچتو هلندي هلندي ڏراٽا کي ڪجهه ياد اچي ويو، خوشيءَ ۾ تاڙي وڄائي چيائين، ”مان ٻڌايانءِ، ڪٿي هلون.“

”ها، ڪٿي؟“

”منهنجي هڪ ساهيڙي ڪمر آهي. هوءَ پڙ وارزي فلئٽ ۾ ڪم ڪندي هئي. هوءَ منهنجي ماءُ پيءُ سان محلي جي فٽ پاٿ تي سمهندي آهي. مونکي ان جڳهه جي سڌ آهي. هن مونکي چيو هو ته جيڪڏهن نوڪري گهر مان هڪاليو وڃي ۽ ضرور هڪالبينءَ، جڏهن

مان هڪالي ويس، نه سڌو مونوٽ اچي. هاٿي هن وٽ نہ هلنداسين."

"رستي جي خبر اٿيئي؟" راجوءَ پڇيس.

"نون مونکي ڪولابا وٺي هل نه باقي رستو مان پاڻيهي ڏيکاريندي پاڻ."

ايتري ۾ هو سڙڪ تي اچي پهتا. سامهون بس اسٽاپ هو. اُتان بس ايندي ڏسڻ ۾ آئي نه راجوءَ چيو، "اچ ڊوڙ نه هن بس کي پڪڙيون. اها آخري بس آهي."

هو ڊوڙي بس اسٽاپ تي اچي بس ۾ چڙهيا. راجوءَ ٽڪڙ ٽڪڙو ٽرانا کي ٻانهن کان وٺي بس ۾ چاڙهيو. اهو ڏسي ٽرانا چيو، "ياد اٿيئي اُن ڏينهن نون هلندڙ ريل ۾ چڙهي نہ سگهيو هئين. هين اِن مهين ۾ نون ڪيترو نہ سکي ويو آهين، راجو......"

ڪسم مضبوط ڪلهن مرهٽي ڇوڪري هئي. جا نئين گهرن ۾ باسڻ پهاريءَ جو ڪم ڪندي هئي. اِن گهرن ۾ سندس ماءُ پڻ ڪم ڪندي هئي. ڪسم جو پيءُ ليڇمڻ، پاڙي جي گهرن ۾ پوليس جي نظر کان بچائي شراب پهچائڻ جو ڪم ڪندو هو. سندس پٽ باٻو راو، جو ١٢، ١٣ سالن جو ۽ مشڪل هو، ڪيڏي ڇوڪريءَ جو ڪم سکندو هو. اِنکانسواءِ اسٽرنيڊ سنيما وٽ ماڻهن کي ٽڪيٽون آڻي ڏيندو هو. ڪسم جو فٽپاٿ ١٢ نمبر گهٽيءَ ۾ هو. اُن ڏهنيءَ ۾ ٻنهي طرف شاندار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪم نه مڃيندو آهي. انهن ڪاڻي نٿين ڳالهه ڪانهي. اهو انسان جو جهونو اتهاس آهي.

اجا پوري پرپاٽ به نه ٿي هئي، جو ڪسم ٽرانا کي جاڳايو، ”هلي سنان ڪر، نه ته وري صبح جو سوجهرو ٿي ويندو.“ ٽرانا اکيون مهٽي چيو، ”اوهه...... اجا ته ڏاڍي اونده آهي.“

ڪسم ڪن وٽ اچي چيس، ”اسانکي هن وقت ٿي وهنجڻ کپي، هونءَ ٻئي ته ڪنهن به وقت وهنجي سگهيٿي، اٿ، هل.“

ٽرانا اکيون مهٽي مهٽي اٿي ۽ ڪسم سان گڏ ويٺي. ڪسم هنکي ميونسپل نل تي وٺي ويٺي. ڪپڙا لاهڻ، ٻڌ ڪرڻ ۽ سنان ڪرڻ سيکاريائين. پهرين ٽرانا، ڪسم جي هڪ ميري ڦاٽل ساڙهي ڪٽي پهني ۽ ڪسم انجي اوٽ ۾ وهنجندي رهي. اهڙيءَ طرح ٽرانا به سنان ڪيو.

ٻارهين ۽ ٻارهين گهڙيءَ جي موڙ تي هڪ ٻيو چانهه وارو پنهنجي ڪٽلي ڪنيو ويٺو هو. ساڻس گڏ سندس ڏهن ورهين جو پوٽو به هو. ٻنهي جو پٽ ڪي سال اڳ، ڪولابا ۾ گوندن هٿان ماريو ويو هو. هاڻ هي پوٽو ئي سندس آس هو. هن ڪسم ۽ ٽرانا کي ڏسي پليٽون وڇايون. ٻنهي بسڪيٽ ڪاڍو ۽ چانهه پيتي. جڏهن ڪسم ٻنهي کي پئسا ڏيئي رهي هئي، تڏهن اوچتو پٺيان ڪجهه ڏسي دهلجي بيهي رهي. هيلتاءِ ٻنهي هنکي نه ڏٺو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي بيهي چانهه پئي پيتائون، اُن جڳهه جي پٺيان سان
مليل ڪمدن جي اونداهيءَ ۾ رڌيا ڪڙو هو ۽ جڏهن ٻئي
هلڻ لڳيون ته هو اونده مان نڪري اڳيان هليو ويو.
ڪسم هنکي ڏسي گهبرائجي ويئي. رڌيا، ترانا کي
گهوري رهيو هو. ۽ هن ڪيس نه، ڪسم کي ئي ڪجهه
چيو. ڪسم زور زور سان ساهه کڻڻ لڳي. هن ترانا کي
چيو، ”اون وچ نه مان اڃها اُچانئي.“ ائين چوندي
ڪسم رڌيا سان اونده ۾ غائب ٿي ويئي. ترانا ڪجهه
سوچيندي اڳتي وڌي ۽ ٻجليءَ جي لٺ سان وڃي
وٺي رهي. اُتي پنهنجا وار سڪائڻ لڳي.
هدجي آلن وارن جا قطرا سهيل راجوءَ تي ڪريا
ته هو هر ٻه ۾ جاڳي چيو، ”برسات ٿي برسات!“ ترانا
گستاخ نظرن سان ڪيس ڏٺو ۽ کليو، ”ها، برسات ڏاڍي
لڳي آهي.“ چوندي پنهنجا وار زور زور سان راجوءَ
جي منهن تي چنڊڻ لڳي.
”آهه... ڪهڙي نه منڙي خوشبودار برسات آهي!
اِنجي ڦوهاري ۾ صبح جي وقت ته ڏاڍي مزي جي
ننڊ ٿي اچي.“
”اون هون...... اُٺ هاڻي نڪتوُ، ڪم تي نه
ويندين؟“
”ڪٿي؟“ راجوءَ جي منهن مان بي اُختيار نڪري
ويو.
”مونکي ڪهڙي خبر؟ تو ئي نه چيو ته ممبئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڊرل لي ڪوليءَ جو ڪم اُنيئي."

"اڙي ها، سو نہ آهي ٿي. تو چڱو جو ياد ڏيارين. مان نہ ٽوڪي حاصل ڪري، اُهو پلجي نہ ٿي وڃي،" چوندي راجو اُٿي کڙو ٿيو. هيجي پرسان سهيل ڪسر جو پيءُ ليڇمڻ بہ اُٿي ويٺو. راجوءَ ڪيس ڪن ۾ ڪجھہ چيو تہ هن ورائيس، "هل نہ مان جڳهہ ڏيکاريانءِ."

ڏرانا پيهجڻ وارن کي لساريندي ڪو پهاڙي گيت گنگائي رهي هئي تہ ا... ڪنهن سندس ڪلهي تي هٿ رکيو. ڦري ڏٺائين تہ ڪسم هئي. هنجو منهن لٿو پيو هو، چپ ڏڪي رهيا هئا ۽ اکين ۾ آنسو هئا. چيائين، "اُٿ هل، هو رڌيا ٽوڪي ڪوٺي ٿو."

"پلي پيو ڪوٺي، مون لاءِ وڃڻ ضروري آهي ڇا؟"

"ٽوڪي وچٿو ٿي پوندو."

"ڇو وچٿو پوندم؟"

"هر راجا آهي."

"راجا؟"

"ها. اسين فت پاٿ تي سمهندڙ سڀ ڪيس راجا چوندا آهيون. هن ٽوڪي پسند ڪيو آهي."

"سو مان ڇا ڪريانس؟"

"ٽوڪي وچٿو ٿي پوندو، جڏهن مونکي بہ هڪ ڏينهن وچٿو پيو هو... عورت کي نہ هڪ ڏينهن لٺٿو ٿي پوڻو، پنهنجي جي هٿن سان لٽجي يا ڪنهن گونڊي هٿان، جتي ڪم ڪري اُتي لٽجي يا ڪرڙي محبت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌرن هٿان لٽجي!"

"نون ۽... ڪسر نون ۽..." ٽرانا ڪنبندي چيو.

"راڄا سان وڙهي هن فت پاٿ تي رهي نہ سگهبو."

"نہ ٻئي فت پاٿ تي هلي وڃ."

"آئي ۽ نہ ڪو راڄا هوندو، رڊيا نہ نہ ٻيو ڪو... هوندو ضرور."

"نہ شادي ڪري ڇڏ."

"شادي ڪرڻ سان ۽ ڇا ٿيندو، رهڻو تہ فت پاٿ تي ئي آهي. بمبئيءَ ۾ هڪ چال جي ڪوٺيءَ جي پڳڙي هڪ هزار رپيا ۽ مسواڙ ٢٣ رپيا آهي. مونکي اِن گهرن ۾ ڪم ڪرڻ جا ٢٣ رپيا ملندا آهن. پنهنجي عزت جي حفاظت لاءِ هڪ هزار رپيا ڪٿان آڻيان؟ انڪري فت پاٿ ئي ٺيڪ آهي. رڊيا کي هڪ پئسو ڏنو، ٻرو چيو. کٽي ڪڍهن ٠٠٠٠ ٻيو ٽئڪس بـــ ڏبو آهي."

ڪسر چوندي چوندي پنهنجو مٿو ٻنهي گوڏن جي وچ ۾ لڪائي، سڏڪا ڀرڻ لڳي.

ٽرانا چيو، "مان نہ ويندس."

راڄوءَ چيو، "ٽوڪي وڃڻ جي ضرورت ۽ ڪانهي. مان رڊيا سان پاڻ ڳڌجي تو اچان."

ٽرانا چرڪي پنيان ڏنو تہ راڄو ۽ لڇمڻ بيٺا هـــئا. راڄوءَ پنهنجي ڪمر بند مان ڪپ ڪڍيو تہ ڪسر ٽرانا کي چيو، "هنکي روڪ. رڊيا ڪيس آفت ماري ڇڏيندو. هو فارمسيءَ جي پنٽين آڳند ۾ تو لاءِ ٽرسيو بيٺو آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڇمڻ راڄوءَ کي روڪيو، پر هو ڪيس پري هٽائي رڌيا سان ملڻ هليو ويو.

رڌيا جڏهن راڄوءَ کي ڪپ سان اڳتي وڌندو ڏٺــو تڏهن هن پنهنجو ڪپ ڪڍيو. ڳالهائڻ فضول هو. ٻئي فارسيءَ جي آڳنڊ ۾ ڪپ سان لڙڻ لڳا. رڌيــا ڏاڍو خوش هو جو اڄ کيس گهڻيءَ مدت بعد پنهنجي طاقت ڏيکارڻ جو وجهه مليو هو. راڄوءَ کي رڌيا جون اکيون شعلن وانگر ٻرنديون ٿي نظر آيون. رڌيا پڇيس، ”ڪٿان آيو آهين؟“

”پٺانڪوٽ کان.“

”زنده مرڻ جي مرضي ائيئي؟“ رڌيا وار ڪيس.

راڄوءَ وار کي بيڪار بڻائي ڇڏيو.

”چاقوُ بازيءَ جو هنر ڄاڻين ٿو، پر نه جهڙو.“ رڌيا بجليءَ جي تيزيءَ سان وار ڪيو.

راڄوءَ اهو وار به بيڪار بڻائي ڇڏيو.

”اڇا! بمبئيءَ ڪيتري وقت کان رهندو آهين؟“

”ٻن مهنن کان.“

”پهرين ڪٿي هئين؟“

”عمر پاڻيءَ جي ٽوليءَ ۾ ۽ پوءِ ممدو پاڻيءَ جــي ٽوليءَ ۾.“

رڌيا وار ڪرڻ لاءِ چوگرد ڦري رهيو هو، پر راڄو به سجاڳ هو. رڌيا اوچتو اُڇلجي وار ڪيس. بدن سان بدن ٽڪرايو ۽ ڪپ سان ڪپ. اونده ۾ اُلا ڦٽي نڪتا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي کلهي سان ڪلهو، ڪرائيءَ سان ڪرائي ڀيڙي، زور آزمائي ڪرڻ لڳا. ليڪن راڄوءَ ڀنهنجي ڪپ جي ڏار خراب ڪرڻ نٿي چاهي، سو اوچتو آهستگيءَ سان اُتان سرڪي ويو.

”ڏايو هوشيار آهين! واقعي!“ رڍيا ساراهيندي چيس،

”ليڪن اڄ تنهنجو رت پيئي ٿي رهندس. ڪيتري وقت کان ڪو قتل نه ڪيو اٿم.“

”ليڪن مان لڙڻ نٿو چاهيان.“ راڄوءَ چيو.

”ڇو؟“

”جيڪڏهن مان ممدو ياڻيءَ وٽ رهي سگهانٿو ته تو وٽ به رهي سگهانٿو.“

”گهڻو پگهار وٺندين؟“

”جو ممدو ياڻي ڏيندو هو. پنج رپيا روز.“

”اُهو وڻشياڻن جو هنڌ آهي، جتي ڪماڻي گهٽي ... ... به رپيا ڏيندس.“ چوندي رڍيا راڄوءَ لي زوردار ... ... ، پر راڄو هٽي ويو ۽ چيو، ”نه.“

”اَڇا ٽي رپيا وٺج.“

”قبول آهي. پر ٽرانا کي پتو پوڻ نه کپي.“

”ٽرانا ڪير آهي؟“

”هوءَ ڇوڪري، جنهنکي تون ڪوٺي رهيو هئين. مان هنسان شادي ڪندس. انڪري ٽن رپين جي روز ۾ ٽرانا جي عزت جي حفاظت خاطر، جيڪڏهن توکي اهو سؤدو منظور هجي، ته اڄ کانوٺي مان غلام آهيانءَ.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”منظور آهي. تون سنو چاقوُ باز آهين. تنهنجي مدد
سان، ٻه ٻيون گهڻيون جيتيندس.“

اُچانڪ راجوءَ جو هٿ ٻلو تي ويو. هو ٻي هٿيار
رڌبي اڳيان ڪڍو هو. بمبئيءَ جي قانون مطابق هو اُفت
مارڻ گهربو هو، پر رڌيا کي هڪ پهاڙي ڇوڪري جي
اَدا وٽي وئي. رڌيا مشڪي پنهنجو ڪپ ڪيسي ۾
وڌو. رڌبي راجوءَ کي ٽي رپيا ڏنا ۽ چيو، ”هي وٺ،
تون مونکي روز، رنگل سئنيما پرسان جو چانهه خانو
آهي، اُتي ١٠ بجي گڏجندو ڪج.“

راجو ٽي رپيا کيسي ۾ وجهي ٻاهر فٽ پاٿ تي هليو
آيو. هاڻي صبح ٿي ويو هو.

راجوءَ کي زنده ۽ چڱو ڀلو مونندو ڏسي لڇمڻ حيرت
۾ چيو، ”رڌيا توکي ڇڏي ڏنو؟“

”ها.“

”ڇو؟“

”ڪهل اچي ويس. هن چيو، ”وڃ تون پرديسي
آهين. توکي ۽ ترانا کي ڪجهه نه ڪندس. پر راند جو
ٽڪس هڪ پئسو ڀريندو ڪج.“

ليڪن ڪسر چيو، ”عجب آهي. مونکي نه وشواس
ٿي نٿو اچي.“ راجوءَ کلي چيو، ”نٿو اچي ته وڃي
رڌيا کان پڇ. چڱو مان هاڻي ڪم تي ٿو وڃان.“

ترانا خوشيءَ وچان چيو، ”وڃ وڃ.“

ڪسر ۽ اُنجي ماءُ ٻه ڪم تي وڃڻ لڳيون ته ڪسر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهيندا ۽ ڪونهن. سستين هوٽلن ۾ ئي گذر ڪندا آهـــن.

”هيءَ ۽ عجيب مصيبت آهي،“ ڪسم جي مـــاءُ ٽنگ ئي چيو، ”ڏينهن جو ڪم هجي، رات جو پنهنجو ڪاڏو پاڻ ناهجي.“

”ڪاڻتا، قسمت واري آهي،“ ڪسم چيو، ”هنجو گهر وارو ڪاڏو پچائيندو آهي.“

”گهر وارو؟ هاءِ رام! سو ڪيئن؟“ ٽرانا چيو.

”ڪاڻتا مل ۾ ڪم ڪندي آهي.“ ڪسم چـــيو، ”پهرين اُنهي سندس گهر وارو نوڪري ڪندو هو. مل جي حادثي ۾ سندس ٻئي ٽنگون ڪهجي ويئون. هـــاڻي پنهنجي پتنيءَ جو ڪاڏو ناهيندو آهي. هو ڏس، دڪان جي پرسان ٻيبي جو ۽ ڪاڏو ناهيندو آهي.“

ٽرانا اِهو ڏسي دنگ رهجي ويئي. ٽرانا اچا اوڏانهن ڏسي ئي رهي هئي ته ليمڻ ڏهه آنا ڪڍي اچي پنهنجي زال جي هٿ ۾ رکيا. ”بس“ ڪسم جي ماءُ ڪجهه روسامو ڪندي چيو.

”ڏسان رات جو ڇا ٿو ٿئي؟“ چوندو ليمڻ هلـــيو ويو. ٽرانا ڪسم کان پڇيو، ”رات جو ڇا ٿيندو آهي؟“ ڪسم وراڻيو، ”رات جو شراب جي تقاضا وڌي ويندي آهي. منهنجو پيءُ شراب پيئاليندو آهي.“

ٽرانا ڪجهه سوچي چيو، ”هي ته تمام خراب ڏنڌو آهي.“ ڪسم آهه ڀري چيو، ”ڪهڙو ڏنڌو سٺو آهي؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ”چا ٿيو، پرياڪر؟“

پرياڪر سڏڪا ڀريندي چيو، ”اَما ڪي چيم ته آڪاٽي ٻڌاءِ، ته وٺي ٿي ماري.“

لرانا پرياڪر جو، ڳوڙهن سان تر مکڙو ڏسي، بي اَختيار موهجي ويئي. ڪيس گود ۾ کڻي چياءِ، ”روءِ نه. مان ٿي ٻڌايان.“

پرياڪر خوش ٿي پڇيو، ”رڇ ۽ گدڙ جي آڪاٽي؟“

”ها، ۽ شينهن ۽ هاٿيءَ جي به آڪاٽي.“

”ها، ها، جلدي ٻڌاءِ،“ پرياڪر مچلجي چيو.

”هڪ دفعي، بمبئيءَ کان گهٽو گهٽو پري، اوچي پهاڙن جي گهاٽن جهنگلن ۾ هڪ وڏو رڇ رهندو هو......“ آڪاٽي ٻڌائيندي ٻڌائيندي لرانا هڪدم وڃي پنهنجي ڳوٺ پهتي، جتي ندي هئي، جهنگل هئا، جهرڻا هئا، ٻيلا هئا، ميون جا وڻ هئا. جتي وک وک تي ٻچندڙ پسر سهڻين اکڙن واري هرڻي، جهرڻي جي ڪناري تي جهڪي هڪ پل ۾ پاڻيءَ جو ڍڪ ٿي پيتو ته ٻئي پل ۾ ڪنڌ مٿي کڻي شرمائڻي پنهنجي ٻارهن سڱن واري ڏانهن ٿي نهاريو، جيڪو هنجي بچاءَ لاءِ پرسان ٿي بيٺو هو.

آڪاٽي ٻڌائيندي ٻڌائيندي، لرانا خود حسين نظارن ۾ کوهجي ويئي. هن آڪاٽي پوري ڪئي ته محسوس ڪيائين ته هوءَ ۽ پرياڪر ٻئي اَڪيلا نه هئا. هنجي چوڌر ڏهه، ٻارهن ٻار ويٺا آهن، جي به عجب مان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪاڻي ٻڌي رهيا آهن. هڪ ٻار حيرت مان پڇيو، ”اهي جهرڻا ڪٿي ۽ ڪهڙا ٿيندا آهن؟“ ٻئي پڇيو، ”انگور جي ول ڪٿي ٿيندي آهي؟“ ٽئين چيو، ”اهو پهاڙ، چاهه، سورج محل ٻلڊنگ کان به اوچو آهي؟“ اِها ست ماڙ ٻلڊنگ ١٢ نمبر گهٽيءَ وٽ هئي، جنهن جي فٽ پاٿ تي سمهندڙن ڪي اُن تي ناز هو، هو اُن ٻلڊنگ ۾ نه ٿي رهيا ته ڇا ٿيو؟ اُنهي فٽ پاٿ تي ته سمهندا هئا.

ترانا سڀني سوالن جو هڪ ئي جواب ڏنو، توهين جيڪڏهن سڪول ويندا ته هي سڀ معلوم ٿي ويندو.“

”اسين سڪول ڪٿا وڃي سگهون.“

”ڇو ڪونه؟“

”اسين فٽ پاٿ وارا آهيون.“

”سو ڇا؟“

”منهنجي ماءُ چوندي آهي، سڪول ۾ رڳو ٻلڊنگ وارا ٻار ويندا آهن.“ هڪ ڄڻي چيو.

ترانا چپ ٿي وئي. سانجهه ۽ سانت ۾ سر جهڪائي سوچيندي رهي. ايتري ۾ ڪسر ماءُ چلا ٿيندي آئي، ”اڙي ٻرياڪر، ترانا، ڪاڏو نه ڪائيندا؟“ ٻرياڪر، ترانا جي گود مان لهي وٺي پڳو.

ترانا چيو، ”راجو، اڄا نه آيو آهي؟“

”نون ڪائي، راجوءَ لاءِ ڪٿي رکو،“ ڪسر ماءُ چيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نه، مونکي ٻه ڪانهي،“ ترانا مشڪندي سان چيو.
ڪسم ماءُ ڪلي چيو، ”اڄ ڇسري، هيءُ بمبئي
آهي. هتي اهي ڳالهيون نه هلنديون آهن. مان ٻه
ڏهن ڪوٺ مان آئي هئس تڏهن پهرين رات جو
١٢، ١٢ بجي تائين بکايل رهندي هئس. پر هتي هي
سيکيو نه هاي سگهندو آهي. گهر واري کي ڪم
تي وڃڻو پوندو آهي. گهر واري وري ٻئي هنڌ ڪم
ڪندي آهي. ٻنهي کي جڏهن وقت ملندو آهي،
تڏهن کائيندا آهن. هتي ڪير ڪنهنجو انتظار نه ڪندو
آهي ۽ نه ڪري ٿي سگهيتو. ٻه ٻه مري وڃي. هل
پڳلي! اڃا نه ٺهندڻو وهاڻ ئي نه ٿيو آهي ۽ گهر واري
نه ٿي آهين! راڄوءَ کي ڇڏ. تو لاءِ ٿي ساڙهيون،
هڪ سوني منڊي ۽ لٽ ۽ هڪ منگل سؤٽرهار وٺي
اچي. پوءِ مان توکي پنهنجي ڌيءُ ڪري پرڻائيندس.“
ترانا کي ڪسم ماءُ جون ڳالهيون ڏاڍيون پياريون
لڳيون. هوءَ اُٺي ساڻس گڏ کائڻ لاءِ هلي ويئي.
راڄو رات جو ١١ بجي موٽيو. اُڪو ٿڪو پيو هو.
هن ترانا کي ٻه رپيا ڏنا ۽ بجليءَ جي اُنيي پر سان
ليٽي پيو. ترانا هنجا پير دٻائڻ لڳي ۽ پڇيو، ”هيڏي
دير ڇو ٿيئه؟“
”ڏينهن جو ڪمائي نه ٿي، آخرين گاڏي ڏسي
آيو آهيان.“
ترانا ماٺ ٿي ويئي. ليڪن هڪ پير دٻائي پيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير ڏ ٻاڻ لڳي لڏهن اُن لي ڦت جــو نشان ڏسي ڏهلڄي ويئي. ”هيءُ ڪيئن ٿيو؟“

”سامان ڪڍندي، اوهه جي پيتي پير لي ڪري پيئي. ڊاڪٽر کي ملم پٽيءَ لاءِ رپيو ڏنم، نہ تہ توکي ٽي رپيا ڏيان ها“ راجوءَ ڳالهہ بدلا ئيندي چيس، ”چگو ڪاڏو تہ ڪاڙاءِ.“

ڪاڏو ڪاڻي، ٻئي فت پاڻهہ ڪان لورو ٻـــري، پيت جي موڙ وت اڪيلا وڃي ويٺا. ٽرانا چيو، ”راجـــو، توکي بمبئي وڻي ؟“

”ڏاڊي ۽ توکي پسند آئي ؟“

”مونکي پسند بہ آهي، تہ نہ بہ آهي؟“

”سو ڪيئن ؟“

”مونکي هي بجليءَ جـــا ٿنيا پسند آهـــن. رات ٿيندي پنهنجو ڀاڻ چانڊوڪي ٻٽجي ٿي وڃي. نـــل ڦيراءِ تہ پاڻي حاضر. گهر ڪيترا نہ پڪا ۽ صاف سٿرا آهن! جيڪڏهن هي سڀ شيون مونکي پنهنجي ڳوٺ ۾ ملي وڃن تہ پوءِ دنيا ۾ سڀ ڪان خوبصورت منهنجو ڳوٺ آهي.“

”پــر ڳوٺ ۾ بجلي ڪيئن اچي سگهندي؟“

”اچي سگهيتي، مون ڪتابن ۾ پڙهيو آهي.“

”ڪتاب، ڪتاب، ڪتاب! هروقت ڪتاب. مون کي تہ ڪتابن ڪان سخت نفرت آهي.“ راجوءَ غصي ۾ پڙ ڪي چيو. ٽرانا ڪروڌ ۾ لوي چڱي ڏنس، ”۽ مو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي وري لئهنجي جهنگلي ڳالهين کان حقارت آهي.“
”ها، مان جهنگلي آهيان ۽ سدائين رهندس، پوءِ؟“
ٽرانا اکين مان الا وسائيندي مدهن ڦيري وئي.
”هيڏانهن مونسان ڳالهاءِ.“
”نٿي ڳالهايان.“
”نٿي ڳالهائين؟“ چوندي جهنگليءَ هڪ هٿ سان ٽرانا جون ٻئي ٻانهون جهليون، ٻيو هٿ سندس ڇاتيءَ ۾ وجهي پنهنجي طرف ڇڪيو. ٽرانا جي ”نه... نه...“ ڪندي به راڄوءَ ڪيس زور سان وني پنهنجي سيني سان لڳايو. ٽرانا پاڻ ڇڏائڻ لاءِ ڪوشش ڪندي رهي. ليڪن جهنگلي ڏاڍو غصي ۾ هو ۽ جانورن جيتري طاقت ڏيکاري رهيو هو. هو زور سان سهڪي رهيو هو. ٽرانا جو چهرو لال ٿي ويو هو. پر هوءَ منهن ڦيري سهڪي رهي هئي. جهنگليءَ هڪ هٿ سان سندس ڪاڏيءَ کي پنهنجي ويجهو آندو ۽ سندس چپن وٽ جهڪندي چيائين، ”هاڻي به نه؟“
”نه.... نه.... آه...... لون مري وئي.....“
ٽرانا اکيون وڏيڪ ڪجهه نه چئي سگهي ۽ نه جهنگليءَ پنهنجا چپ هنجي چپن سان ملائي ڇڏيا هئا ۽ هوءَ جهنگليءَ جي ٻانهن ۾ مڪمل جڪڙيل هئي. هوءَ جڻ ڪنهن ڪک وانگر ڪن ۾ ڦرندي، بيرس ٿيندي ٿي وئي. سندس رڳ رڳ ۾ مدهوشيءَ جا بادل ڇانئجڻ لڳا. اکيون پنهنجو پاڻ ٻوٽجي ويون. ڪيتري دير بعد

جڏهن هن اکيون کوليون، تڏهن ترانا هن ڏانهن نهاري ڏکيو ساهه کڻي چيو، ”آلا، مان مري وڃان.“ ان بعد هن پنهنجو سر جهنگليءَ جي سيني تي رکي ڇڏيو ۽ اکين مان خوشيءَ جا لڙڪ لڙي آيس.

وقت سرڪندو پئي ويو، مگر هو ٻئي ٻانهن ۾ ٻانهون جڪڙيل اڳين ئي وڃنا هئا. ترانا هنڪي چيو، ”تون سمجهي چونئو. مان توکان رنڊي ٿوروڻي آهيان. مان توکي فقط ايترو ٿي چوان ته بمبئيءَ ۾ ڪولي ڇڏي پنهنجو فرض پاڙي نه وڃ. ڪوليءَ جي ڪمائيءَ سان ٿـون بمبئيءَ مان واپس نه وڃي سگهندين.“

”ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟“ راجوءَ عجب مان پڇيو.

ترانا دنـگ رهجي ڪيس ڏسندي رهي. ”هاڻي ٿي پنهنجو انجام پڇي وٺين! مان بمبئيءَ مان، ٻن ڏينهن خريد ڪرڻ جيترا پئسا ڪـــٺا ڪندس. واپس پنهنجي ڳوٺ اچي، پنهنجي زمين تي هـــر هلائيندس. وساري ڇڏيئه؟ تنهنجي ڳوٺ ۾ تنهنجي ڌرتي، تنهنجو انتظار ڪري رهي آهي.“

راجوءَ مشڪي وراڻيو، ”پر اها ڌرتي رڳو منهنجو نه پر تنهنجو به انتظار ڪري رهي آهي، مونکي سڀڪجهه ياد آهي. مان انـکي ڪڏهن نه وساريندس.“

”سچ ٿو چوين؟“

”تنهنجو قسم.“

ترانا مشڪي راجوءَ کي ڏٺو ۽ سندس سيني سـان

لڳي ويني. راجوءَ هنجي ڏکن وارن سان کيلندي
چيو، "توکي بمبئيءَ جي ڪهڙي شيءِ پسند ڪانهي؟"
"هتي ڪليل جايون ڪونهن. اُنهنکي ڏسي منهنجو
نه دم ٿو گهٽجي. دل ٽٽي ٿي ٿي. هتان ڀڃي ڪنهن
ڪليل ساوڪ واري هنڌ تي هلون ۽ مونکي فٽ پاٿ
تي سمهڻ اصل نٿو وڻي."

"ٻيو ڇا؟"

"هتي ڪيترائي ٻار اسڪول نٿا وڃن."

"غريب جو ٿيا نه ڇا ڪن."

"مونکي لڳي ٿو هتان جا شاهوڪار اسانجي ڳوٺ
جي شاهوڪارن کان وڌيڪ شاهوڪار ۽ هتان جا غريب
اُتان جي غريبن کان وڌيڪ غريب آهن، پوءِ سوچانٿي
نه مان بمبئيءَ ڇو آيس؟"

"ڇو نه تو پڌي نمبردار سان پرڻجڻ نٿي چاهيو."

"ٺيڪ، پر فٽ پاٿ تي سمهڻ لاءِ نه آئي هئس.
انجام ڪر نه تون جلدي ڳوٺ وڃي هلندين."

"ٻن ڏينهن خريد ڪرڻ جيترا پئسا نه ميڙيان."

"ٻه ٽوان پئسا." هڪ ڳوڙهو آواز سندن ڪنن تي
پيو. ٽراٽا يڪدم راجوءَ کان جدا ٿي ويٺي. رڌيا ڏيو
ڪٽي ايندو هو. ٽراٽا اُنهن ٻه پئسا وڌا.

رڌيا ڏيو ڪڙڪائيندو اڳتي هليو. جنتي ٻه ويو تي اُتي
کن پل لاءِ هرڪو ڏکي ٿي ويو. چڻ ڪر بادشاه
سلامت ٿو اچي. ٽراٽا رڌيا کي ڏسي چيو، "ڏس ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن ٿو هلي؟ جهڙو ڳوٺ جو نمبردار! ها ... ها......
جتي ٻه وچ اُلي ڪو نه ڪو نمبردار آهي ٿي آهي."
"انجام ڪر ته توں همسان جهڳڙو نه ڪندينءَ."
"مونکي نه ستائيندو ته ڇو جهڳڙو ڪنديس؟ ڇا مونکي پاڳل ڪتي چڪ پاتو آهي؟"
راڄو زور زور سان کلڻ لڳو.

مهني کن بعد اوڇتو ترانا کي گنگاڌر گڏجي ويو. گنگاڌر هنجي شڪل شبيهه ۽ ويس وڳو ڏسي، ڏنديـن آڱريون ڏيڻ لڳو. هوءَ شهري ڇوڪري ٻڻجي ويئي هئي ۽ پڪي مزدور ٿي لڳي. پهرين ته گنگاڌر کانئس پنهنجي زال جي خراب هلت لاءِ معافي ورتي. پوءِ سندس ڏس پتو پڇيائين. اُهو ٻڌي گنگاڌر چيو، "لڏهن ته توں منهنجي وٽهي ٿي رهين." هن ترانا کي پنهنجي آشرم جو پتو ڏنو ۽ چيو، "گهر اچڻ جي ضرورت ڪانهي، باقي ڪڏهن به ڪا تڪليف ٿئيئي ته منهنجي آفيس ۾ اچي يا فون تي ڳالهائي سگهين ٿي."
ترانا، گنگاڌر کان آشرم جو وزٽنگ ڪارڊ ورتو ۽ من ۾ چيو، "ڀڳوان نه ڪنهنجي اڳيان هٿ ٽنگائيندو. هاڻي پاڻ ڪمايان ٿي، پاڻ کان ٿي. غريبيءَ جي زندگي آهي، پر عزت پري نه آهي."
ڪسر، ترانا کي ٽن گهرن جي ٻاسڻ ملڻ جو ڪم وٺي ڏنو هو. ترانا جلدي جلدي گهر ڏانهن هلي. سـ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳڻ وارا هئا ۽ ڪيس راڄوءَ لاءِ ڪاڏو ناهڻو هو.

راڄوُ رات جو ١١ بجي ٿڪو ٽٽو موٽيو. هن جي ڏولي ۽ خميس ڦاٽي پيئي هئي. گوڏا ڦٽيا پيا هئس ۽ ساڄي ٻانهن جي ڏونٺ وٽان رت پئي وهيس. هنڪي ڏسندئي ٽرانا بدحواس ٿي ويئي، ”هي حال ڪيئن ٿيئه؟“

”منهنجو ٻن ڪوُلين سان جهڳڙو ٿي پيو.“

”مون توکي جهڳڙي ڪرڻ کان منع ڪئي آهي نه.“

”مان پاڻيهي ڪتي وڙهيس. مون هڪ ٻاٻوءَ جو سامان کنيو نه پيا ڪوُلي اچي مونتي ٽٽا.“

”هينجي ٽوسان ڇا لاءِ دشمني ٿي سگهيٿي؟“

”انڪري جو مان ٻين کان وڌيڪ ٻار کڻي سگهندو آهيان. پوءِ مونکي پوليس ۾ وٺي ويا. اُتي مکيه ڪوليءَ منهنجي ضمانت ڏني. جيڪڏهن ڪيس هليو نه جيل ويندس.“

”هاڻي ڇا ٿيندو؟“

”مکيه ڪوُلي چويٿو نه ويهه رپيا ڏي نه. واسطيدار ڪوُلي ڪيس ڪڍائي وٺندا.“

”يعني مار به کائون ۽ پئسا به ڏيون.“

”اِنجو نالو بمبئي آهي.“

الاجي ڪيتري مشڪلات سان هدن ٿيهه رپيا ڪٺا ڪيا هئا، جن مان هاڻي ويهه رپيا ڪڍي ڏيڻا ٿي پيئي.
راڄوءَ ويهه رپيا کڻي چيو، ”مان مکيه ڪوليءَ وٽ ٿو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃان.“

”نرس، ٻهراڻ روئي ڪاڻ.“ ترانا زور ڪيو. راجـــو روئي ڪائي اٿيو ۽ ترانا چيس ته بيهه ته ٻهراڻ زخم تي پٽي ٻڌان. پٽي ٻڌندي ترانا چيس، ”راڄوُ، هـــيءَ ڪهڙي زندگي آهي. هل ته اڄ ئي بمبئي ڇڏي هليا هـــلون.“

”ڏيڻ لاءِ پئسا ميڙڻ ڪانسواءِ ئي؟“

”اسين هتي سان هر هلائيندا سين.“

”ٻانولي ڪا آهين. ٿورو رت ڏسي ڏڄي ويئين. هيءَ ته ڪوُلين جي روزاني حياتي آهي.“

اوچتو گهٽيءَ ۾ گوڙ ٿيڻ لڳو...ڪي ماڻهو ۽ پوليس وارا هڪ قتيل ماڻهوءَ کي کڻي پئي ويـــا، جنهن کي سڃاڻي، ڪن چيو، ”هي ته چمن آهي!“

چمن، ١٤ ۽ ١٥ گهٽيءَ جو دادا هو. انهن گهٽين ۾ ڪولابا جون سڀ ڪان ٿشٿبل وتشياڻـــون رهنديون هيون. انڪري چمن جي اپتري ڪمائي هئي، جيتري رنڍيا جي چئن گهٽين مان به نه هئي. رنڍيا جي گهٽي وقت ڪان اٿهيءَ گهٽيءَ ۾ اڪ هئي، پر ڪو ڀاڙ نه لڳو هوس. چمن جي خون بابت جيترا هنا منهن اوترا ٻون هيون ڳالهيون. ڪنهن پڇيو، ”رنڍيا ڪٿي آهي؟“

پناڻ لفت مٽن چيو، ”هو پوني ويو آهي.“

”چمن کي ڪنهن ماريو؟“ ڪسم ماءُ پڇيو.

سندس پٽيءَ لڇمڻ چيو، ”سو ته پتو ڻ، آلـــم، پر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اڄوڪو ڏينهن سياڳو آهي- اڄ رتنا جي قبضي ۾ به گهٽيون وڌيون ٿيون. ٻنهي جي شراب جو ڌنڌو مونکي ملندو ۽ ٻاٻوراو جو ڪم به وڌندو."

ترانا پڇيو، "ٻاٻوراو جو ڪم ڪيئن وڌندو؟"

"هان ... هان ..." لڇمڻ جواب ڏيڻ کان ٽاري ويو. ڪيس ڳالهين ۾ خيال ئي نه رهيو ته پرسان ترانا به ڪا پينل آهي. ڪسم ماءِ مشڪي چيو، "ڏي، ٽڪسي آٽي ڏيڻ جو ڌنڌو، پيو ڇا؟"

ترانا راڄوءَ کي چيو، "بڌءِ . ."

پر راڄو وڃي چڪو هو.

سامهون فٽ پاٿ تي ڌرمراج لڪڙيءَ ۾ ڪارو ڪپڙو اٽڪائي جهنڊي وانگر جهولائي رهيو هو. ماڻهن ڏٺو ته ان جهنڊي تي اڇي ڪٽيل ڪاغذ سان، انساني کوپڙيءَ ۽ ٻن هڏن جي تصوير چنبڙايل هئي. ڌرمراج چئي رهيو هو، "جهنڊا اوچا رهي همارا."

هڪ لڪل ٻار ۾ رتنا، راڄو ۽ ترليءَ جا ٻيا ماڻهو ويٺا هئا. رتنا پنهنجن ششن کي چئي رهيو هو، "شاباس، تو هان اڄ ڪمال ڪري ڇڏيو."

رتنا جا شش ان پنيءَ ٽپ تي قوليا نه سمايا.

هڪ چٽي چيو، "دادا، اڄ سوپ جي خوشيءَ ۾ جشن ٿيڻ کپي."

"ضرور ضرور،" چوندي رتنا چلايو، "اڙي

نڪري ويو.

جڏهن رات جو ١١ بجي راجو واپس آيــو، تڏهن ترانا چيو، ”ڪجهه ٻڌو اٿيئي؟“

”ڇا؟“

”ٻابو راو ڪيسو ڪتريندي پڪڙيو آهي. سندس پيءُ مونسان ڪوڙ ڳالهايو هو.“

”ڇا ڪري، ڪنهن طرح زنده ته رهڻو آهي.“

”اهڙي جيئڻ کان مرڻ ڀلو آهي.“ ترانا ڏنــد ڪرٽيندي چيو.

راجوءَ ڪيس ڪو به جواب نه ڏنو ۽ ٻه ٽي سوپاريون کائي چپائيندس، ”ترانا، هاٿي مونسان شادي ڪر.“

”گهر ڇاهيندين؟“

”ها.“

”ڪٿي؟“

”هتي، ٻيو ڪٿي؟“

”فٽ پاٿ تي؟“

”بمبئيءَ ۾ لکين ماڻهو فٽ پاٿ تي رهندا.“

”هي ٽون ڇا ٿو چوين، راجو. اسانجي ڳوٺ جي ڪوٺن جي زندگي به اهڙن ماڻهن کان بهتر آهي.“

راجو ماٺ ٿي ويو. ٽرڙ ۾ گهنج پئجي ويس.

ترانا سر جهڪائي چيو، ”مان ته ان ڏينهن لاءِ زنده رهي آهيان، جڏهن ٽون پنهنجو اقرار پورو ڪري، ٻــه ڀڳا وٺي مونکي پنهنجي ڳوٺ وٺي هلندين.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڄو جلدي ڪاٺي اُٺي ڪڙو ٿيو.
”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“
”سمنڊ جي ڪناري،“ چوندي راڄوَ وڏيون پرانگهون
پريندو هليو ويو ۽ ٽرانا بلڊنگ جي ڇت سان لڳي
اڇي روشني ۾ چمڪي.
جڏهن ڏينهن بابوراو ڪي ۾ مهنا سزا آئي، تڏهن
ڏينهن سندن گهر ۾ ڪڏهن به نه ڪاڏي، ٽرانا ۽ راڄوءَ به
نه. ٻئي ڏينهن ڇمڻ ڪيترو وقت ڪم تي نه ويو ۽
پريشانيءَ ۾ ڏند ڪرٽيندو رهيو ۽ نمڊي پٽ پرياڪر ڪي
گهوُرِيندو رهيو.
منجهند جو ١٢ بجي جڏهن ڪسر، ماٽس ۽ ٽرانا
ڪم تان موٽيون ٿڏهن، رستي تي ڇمڻ گڏيس، جو
پرياڪر کي وٺيو پٺي ويو. چيائين، ”ڪم تي وٺي ٿو
وڃانس.“
ڪسر رستو روڪي چيو، ”هي نه اڃا ٻار آهي.“
”هنجي عمر جيڏا پيا ٻار ڪونه ٿا ڪم ڪن؟ هو
ياسڪر جو پٽ ڪيترو نه ننڍو آهي نه به ڏيڍ ٻه رپيا
ڪمائيندو آهي. هنئي وڃ.“
ٽرانا چيو، ”چاچا، چو ٿا هنجي زندگي برباد ڪريو،
هنکي سڪول موڪليو، پاڙهي ڳاڙهي انسان بڻايو.“
ڇمڻ جوش ۾ جواب ڏنو، ”جئن هو پاڳل ١٤ درجا
پڙهي ٿيو آهي، جئن ٿون ٥ درجا پڙهي باسڻ پيٺي
ملين، اثين نه؟ جيڪڏهن هينئر ٿي ڪيس سڪول ۾

وهاريندس تہ هنلاءِ صاف ڪپڙا، ڪتاب، قلم وغيره ڪتان آڻيندس؟ هن گهر ۾ ٻاهرواري جي ڪمائيءَ جي هاڻي ڪير پورت ڪندو؟“

”چاچا!“ ترانا پريل گلي سان چيو.

”هٽي وڃو منهنجي وچ مان.“

ٽيئي عورتون پري ٿي ويٺيون. پرڀاڪر روئڻ لڳو تہ اڇمڻ ڳالهہ ڏاريون چماٽون هڻي گهليندو وٺي ويس. پرڀاڪر جي روئڻ جو آواز پئي آيو. هو چئي رهيو هو، ”بابا، مان چور نہ ٿيندس، نہ ٿيندس!“

ڏک ۽ ڪروڌ وچان ترانا جي دل ڌڙڪڻ لڳي.

شام جي وقت ترانا ڏٺو تہ ڌرمراج ٻارن سان کيلي رهيو آهي. هنجي کيل ختم ٿيڻ بعد ترانا اٿي وڃي ڌرمراج کان پڇيو، ”مون ٻڌو آهي تہ توهان ۱۴ درجا پڙهيل آهيو.“

پهرين تہ ڌرمراج ڪو بہ جواب نہ ڏنو، پر پوءِ آهستي آهستي ڏاڙهي کنهندي چيائين، ”ها، سو ڇا؟“

ترانا تورو وڏيڪ ويجهو اچي چيس، ”مان سمجهانٿي تہ تون بلڪل پاڳل ڪونہ آهين، پر تہ جاڻي ٻڌجهي پاڳل بڻجندو آهين يا ڪا سڌڪ سوار ٿيندي اٿيئي.“

”تون مون لاءِ ڇو ٿي ڳالهائين؟ پنهنجو ڪم ڪر.“

ترانا چيو، ”مان توسان گڏ فٽ پاٿ جي ٻارن لاءِ هڪ سڪول کولڻ چاهيانٿي، جتي اسين ٻئي پڙهائيندا سين.“ ”ها... ها.“ ڌرمراج جون اکيون چمڪي

اُليون، ”فت پاٿ جي ٻارن لاءِ سڪول؟ ويري فائين... ويري فائين!“ ٽرانا خوش ٿي چيس، ”ٽوڪي مهنجي رت وٺي ٿي؟“ ڊرمراج وراڻيو، ”ويري فائين!“

”تون مونسان گڏ پڙهائيندين نه؟“

”چو ڪونه، مان نه پڙهائيندس ته ٻيو ڪير پڙهائيندو، مگر ياد رکج، سڪول جو هيڊ ماستر مان ٿيندس ۽ نه ٻيو.“

”ها، تون ئي ٿج.“ ٽرانا چيو، ”مان ته فقط پنج درجا پڙهيل آهيان، ٽوڪي جدا جدا درجن جا ڪورس به ته ياد هوندا؟“

”ها، سڀ ياد آهن.“ پاڳل ڏاڍي سنجيدگيءَ سان چيو، ”پهرين سال ۾ شيشن جي درٻن لئي پٿر هڻڻ، ٻئي ۾، سڪول جي ٻارن کي مارڻ، ٽئين سال ۾ کيسو ڪترڻ، چوٿين جو ڪورس چوري ڪرڻ، پنجين جو ڪورس جيل... تون گهٻراءِ نه، مان فت پاٿ جي ٻارن کي اهڙي ته ٽريننگ ڏيندس، جو هو پنجن سالن بدران، ٽن سالن ۾ ئي ڊگري حاصل ڪري سگهندا.“

”تون مذاق ٿو ڪرين. ڇا اهوئي سيکاريندين؟“

”ٻيو ڪجهه سيکارڻ گناهه ٿيندو،“ پاڳل چيو.

ٽرانا غصي ۾ چيو، ”تون ته سچ پچ پاڳل آهين.“

”ها ٽرانا“ پاڳل درد ڀريءَ آواز ۾ چيو، ”تـوهان انسانن جي آباديءَ ۾ رڳو مان هڪ ئي پاڳل آهيان.“

ٽرانا گهٻرائجي گهر موٽي آئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن ترانا ڪم تي نہ ويئي، پر ونيتا آشرم جي آفيس ۾ گنگاڌر سان گڏجڻ ويئي. چيائينس، ”مان فٽ پاٿ وارن ٻارن لاءِ هڪ سڪول کولڻ ٿي چاهيان.“

”فٽ پاٿ جي ٻارن لاءِ؟“

”ها.“

”خيال تہ سٺو آهي. عجب اِهو تہ اُهو هيلتاءِ مونکي ڇونہ آيو. ڌيءَ، سچ پچ سٺي ڳالهہ ٿيندي.“

ترانا خوش ٿي چيو، ”چاچا، توهانکي مهنجي مدد ڪرڻي پوندي. مونکي ڪتاب، ڪاپيون، پنيون، مس قلم، بورڊ، چاڪ وغيره کپندا.“

”اُهي تہ ملي ويندا، پر پڙهائيندينءَ ڪٿي؟“

”فٽ پاٿ تي تہ نہ پڙهائي سگهنديس جو اُتان جا ماڻهو ان خلاف آهن. ڪٿي اڪائي پڙهائڻو پوندم.“

”پوءِ ڪٿي پڙهائيندينءَ؟“ گنگاڌر پڇيو.

”ڪائي اهڙي جڳهہ، اهڙو فٽ پاٿ هجي جيڪو مهنجي گهٽيءَ کان گهڻو پري هجي، پر اهترو پري بہ نہ جو مهنجي گهٽيءَ جا ٻار اچي ئي نہ سگهن.“

گنگاڌر جو چهرو يڪدم چمڪي اُٿيو. ”هڪ ترڪيب ونئو سوچيان. توهانجي بلڊنگ جي پٺيان جيڪو بند حاطو آهي، اُتي ڇو ڪونہ سڪول کولجي؟ بلڊنگ جو مالڪ مهنجو واقفڪار آهي. مان پڇندوسانس. ۽ مان خود بہ اچي پڙهائيندس. تون فڪر نہ ڪر. مان اڄ ئي مالڪ کان ٿو پڇان. نہ رڳو

ايترو ہر ھن سني ڪارڻ لاءِ چندو ٻہ ڪٺو ڪندس."

"نہ پوءِ... مان ڪڏھن ٽوھانسان ملان، چاچا؟"

"مان اڄ شام جو فٽ پاٿ تي اچي تو ٻڌايانءِ."

شام جو گنگاڌر آيو ته ٽرانا ساڻس گڏي. گنگاڌر ٻڌايس تہ سڀ ڪم ٺيڪ ٿي ويو. مالڪ مچيو آھي. ھو ڪتاب، ڪاپين وغيرہ لاءِ پئسا بہ ڏيندو. اھو ٻڌي ٽرانا خوشيءَ ۾ جھومڻ لڳي. گنگاڌر جا بيحد شڪرانا ادا ڪيائين. ايتري قدر جو پير ــ ڇھي ورتائينس. گنگاڌر چيو، "سياڻي آفيس اچڻ لـــ تنھنجي پگھار بابت فيصلو ڪندس." ٽرانا چيو، "چاچا، ھن ڪم لاءِ پگھار نہ کپيم."

"تہ زندہ ڪيئن رھندينءَ؟"

"جئن اڄ تائين رھي آھيان."

گنگاڌر لاجواب ٿي ويو تہ بہ چيائين، "تون اچڻ تہ سھين. ڪي ڳالھيون فيصل ڪرڻيون آھن."

ٻئي ڏينھن صبح جو جڏھن ٽرانا وڃڻ لڳي تڏھن راجوءَ پڇيس، "ڪلھ شام جو ڪير آيو ھو؟"

"گنگاڌر، ونيتا آشرم وارو."

"ڪو شاديءَ جو نياپو ڪڻي آيو ھو ڇا؟"

"نہ،" ٽرانا ڪلي ڪوڙ ڳالھايو، "سندس دوست کي ھاسڻ ملڻ واري کپي." ھوءَ ڳالھائڻ ۾ ٿورو ھٻڪي. راجوءَ کي شڪ پيو ۽ ڪڇيائين ڪونہ. ڪسر چيو، "تون ڪلھ ڪم تي نــ آئينءَ. پڇا پئي ڪيائون."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترانا ڪنڌ جهڪائي غصي ۾ هلي ويئي ۽ راجوءَ کيس
ڇتائي افسوس ۽ غصي ۾ ويندو ڏٺو.

هڪ ڏينهن راجوءَ ڏاڍو خوش ٿي ترانا کي ٽيھ
رپيا ڏيکاري چيو، ”اڄ سئنيما ٿي هلجي.“ ترانا پڇيو
ته هيترا رپيا ڪٿان آيا. راجوءَ ورائيو، ”يورپي سيلانين
جي خاص ٽرين دهليءَ مان آئي آهي. سيٺي ڪولين
هڪ هفتي جيترو ڪمايو آهي.“

سئنيما تان موٽڻ بعد راجو ۽ ترانا آهستي آهستي
خوشنما بزار مان هلڻ لڳا. ڪين ائين لڳو ڄڻ اڄ سڄي
بزار هنن لاءِ ٿي سينگاريل آهي، هينگنگ گارڊن جا سڀ
فوهارا سندن لاءِ ٿي پاڻيءَ جا موتي لٽائي رهيا آهن،
گل به هنن لاءِ ٿي ٽڙي رهيا آهن، ساگر جون لهرون
به هنن لائي رقص ڪري رهيون آهن. ناريل پائنٽ
وٽ ويهي، ٻئي ڪيتري وقت تاءِ ٻڏندڙ سورج جو
نظارو ڏسندا رهيا. شام جي لعلاڻ پنهنجو رنگبرنگي
جهلڪيون، ترانا جي ڇهري تي پئي پکيڙيون، هنجا
زلف هوا جي لهرن سان اُلجهندا رهيا ۽ اُٿندڙ لهرن
جي ٿڌي هوا، هنن ٻن پريمين جي مکڙن تي
موتي لٽائي رهي هئي. راجوءَ ترانا جو هٿ پنهنجي
هٿ ۾ وٺي چيو، ”ترانا، هن اٿاھ سمنڊ ۾ ٻري ٻري
لوکي ڪجھ نظر اچيٿو؟“

”ها، هڪ گهر.“

”سنن رنگن وارو گهر؟“ راجوءَ پڇيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها، اُنهو دروازو هيرن موتين جو آهي.“
”اُن دروازي ني هڪ چوڪري بيٺي آهي؟“
”تنهنجي ڀيڻ؟“ ترانا چيو.
”ها، منهنجي ڀيڻ.“ راجوءَ جواب ڏنو.
”تنهنجي ترانا؟“ ترانا پڇيو.
”ها، منهنجي ترانا!“ راجوءَ چيلهه ۾ هٿ وراِيس.
پوءِ ٻئي ڪيترو وقت سانت ۾ رهيا. لهرون پٿرن سان ٽڪرجي واپس پٺي ورڻون. سج جو گلابي چهرو، سمهڙ ۾ لهرن ۾ ٽٻيون ڏيڻ لڳو. هوا جا جهونڪا تيز ٿيندا ويا. پريان ڪٿان سرهاڻ پٺي آئي، جنهن پاڻسان ڪيترائي گيت پٺي آندا. سرهاڻ سمنڊ رڱي ۾ سراڪا پٺي پاتا ۽ گيت سمنڊ دل جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ پٺي گونجيا. هو ٻئي پاڻ ۾ لڳي بيٺا هئا. جهڙا هڪ ئي منزل جا مسافر، هڪ ئي آشا جي پورنتا، هڪ ئي لئہ جي آد، انت.
”ترانا، هاڻي مونسان شادي ڪر.“ راجوءَ ڏيري چيو.
”مون کي هو گهر وني ڏي. ها، هو گهر جو لوکي ڏسڻ ۾ پيو اچي نہ؟“ ترانا اشارو ڪندي، جڻ ڪنهن خواب ۾ کوهجي چيو. پوءِ مڙي ڏڪندي راجوءَ سان لڳي سڏڪا ڀريندي چياءِ، ”مونکي هو جواهرات وارو گهر نہ گهرجي، مان هن گــاهہ پني واري جهوپڙيءَ کي ئي سرڳ بڻائيندس. راجــو، مونکي پنهنجو گهر

وني ڏي."

راجو ڪند جهڪائي ڪجهه سوچيندو رهيو.

ٻئي ڏينهن ترانا جڏهن گنگاڌر سان گڏجي واپس پئي موٽي ته سندس پرسان هڪ ڪار اچي بيٺي. ترانا ڏٺو ته ان ۾ متل سيٺ ويٺو هو، جو مشڪي رهيو هو. هوءَ ڪيس ڏسي منهن ڦيري ڦٽ پاٽ تان هلڻ لڳي ته ڪار به ساڻس گڏ هلڻ لڳي. متل چيو، "نون اڃا تاءِ بمبئيءَ ۾ آهين؟"

"بمبئي ڇا تنهنجي پيءُ جي آهي؟"

"اڃا ... ايترو غصو، ڊارلنگ، اچي ڪار ۾ ويهه."

"وڃين ٿو يا پوليس کي ڪوٺيان؟" ترانا ڇڙڪي چيو.

"ڪوٺ، جيڪڏهن تون پنهنجو سڪول کولڻ نه چاهين."

ترانا هلندي هلندي رڪجي ويئي. چيائين، "تون! تون!"

متل ڪند لوڏي چيو، "ها، مان ئي اُن بلڊنگ جو مالڪ آهيان، مون تنهنجي سڪول لاءِ بندوبست ڪيو آهي. مان ايترو خراب ماڻهو نه آهيان. اچ، مان پيگوان جو قسم کائي ٿو چوان ته توکي ڪجهه نه ڪندس. جتي چوندينءَ، اتي لاهيندو ساناءِ." چوندي متل پنهنجي ڪار جو در کوليو. ترانا ڪيس غور سان جاچيو ۽ پوءِ هن سان گڏ وڃي ويٺي. متل ڪار تيز هلائيندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو، ”ڪتي ٿي رهين؟“

”اسٽرئنڊ پرسان ١٢ گهڙيءَ ۾، پر تون مونکي ١١ گهڙيءَ ۾ ٿي لاهي ڇڏج.“

ٻارهين گهڙيءَ جي منهن وٽ جڏهن ٽرانا لهڻ لڳي، تڏهن مٿل چيو، ”تون هڪ بهادر ڇوڪري آهين، مان تنهنجي بهادريءَ جو قدر ڪريان ٿو. فت پاٿ تي چوٿي سمهين؟ ٽوڪي نہ سمهڻ لاءِ هڪ محل ملي سگهي ٿو. ٽوڪي جيڪي ڪهي، سو گهري سگهين ٿي. مان تنهنجي قيمت چڪائڻ لاءِ تيار آهيان.“

”قيمت؟“ ٽرانا پڇيو.

”ها، هر شخص جي قيمت ٿيندي آهي.“

ٽرانا کي ڪاوڙ نہ ڏاڍي لڳي، پر سڪول خاطر سوُر پي ويٺي. آهستي مشڪي چيائين، ”چڱو، سيٺ صاحب! ڪنهن ڏينهن مان توهانکي پنهنجي قيمت ٻڌائينديس.“

”ڪڏهن؟“

”انتظار ڪريو“ چوندي ٽرانا ڪار جو در بند ڪيو ۽ مستاني ادا سان هلي ويئي. ڪجهہ وقت تہ مٿل سيٺ ڪيس ڏسندو ئي رهيو. پوءِ چمن کي چيائين ڪار هلائي ١٢ گهڙيءَ مان ٿيندو، ١٣ گهڙيءَ ۾ هليو ويو. هن ١٢ گهڙيءَ جي موڙ وٽ بجليءَ جي ٿنڀي هيٺان ٽرانا ۽ ڪسر کي ڳالهيون ڪندو ڏسي ورتو پر اهڙي ڏيکاري نہ ڏنائين ۽ هن ہ ڪيس ڏٺو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ڪارائتا هئا. رڌيا چيو، ”اسانکي بغاوت جو مثالو ڪرڻو آهي.“

ڪوليءَ چيو، ”هتن تنگ جيڏن چوڙن کي ته بن ٽن ٽڙن سان سڌو ڪري ڇڏيو.“

براگينزا چيو، ”برابر، هرهڪ گهٽيءَ ۾ ٻن ٽن ٻارن کي مرچڙا هٿڇن ته سڀ سڌا ٿي ويندا.“

”مرچڙن سان ٻار، مخالف ٿي پوندا.“ رڌيا چيو.

هڪ ٻئي چيو، ”هڪ ٻن ٻارن کي خون ڪجي.“

رڌيا چيو، ”توهين احمق آهيو. هڪ ٻار جي خون سان، سڀ ننڍا وڏا، زالون، مرد اسانجا دشمن ٿـي پوندا، توهين گهٽين ۾ گهڙي ٿي نه سگهندا.“

ڪوليءَ چيو، ”هيءَ ٻاهر ترانا لڳائي آهي.“

راجوءَ جو چهرو يڪدم ڳاڙهو ٿي ويو.

ڪوليءَ وري چيو، ”ترانا جو ضرور ٻيڙي پڙهائيندڙ ڪنگاڌر سان رستو آهي.“

براگينزا چيو، ”بيوقوف، هوءَ ڪنگاڌر سان نـه، پر متل سيٺ سان نهيل آهي. سڪول واري بلڊنگ متل جي آهي. اسين سچاٽونس ڪرنه چا؟ ڍڳو ڪرلابا ۾ ٿي هنجا ١٠ ونشاليه هلندڙ آهن.“

”خاموش!“ راجــوءَ گرجندي چيو ۽ پنهنجو ڪپ ڪڍي ٻاهر ڪيو. براگينزا به پنهنجو ڪپ ڪڍيـــو ۽ ڌيري چيو، ”هڪ عورت لاءِ اسين پنهنجو ســـاٿي جو زندو ناس ڪرڻ نٿا چاهيون. محبت لاءِ ڌهه چوريئون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي سگھن ٿيون، پر ٻهرين پيٽ کي روٽي کپي ٿي.“

رتيا وري ٻنهي جي وچ ۾ اچي چيو، ”پاڻ ۾ وڙهندا ته ٻاهرين کي ڪيئن منهن ڏيندا؟ اسانجو جهڳڙو ٻارن سان ڪونهي. اهي ته اسانجي دولت آهن! ليڪن اسين جهڳڙي جي جڙ هن سڪول کي بند ڪري ٿي دم پٽينداسين.“

”واه راجا! ڇا ته ڪوجها آهي،“ شڏڪر چيو ۽ ٻين به واه واه ڪئي.

”رتيا ڀيڻ، هي سڪول ڪير بند ڪرائيندو؟“

جلدي ڪولي ۽ براگنيزا اڳتي وڌيا، پر راجوء هنن کان اڳيان وڌي آيو. چيائين ”راجا، مان ڪرائيندس.“

رتيا چيو، ”ها، ٺيڪ آهي. پر سڪول سياڻي ٿي بند ٿيڻ کپي. توکي مدد لاء جيترا ماڻهو کپن اوترا گهر.“

”نه دادا، مان اڪيلو ئي ڪافي آهيان.“

راجوء کي اها رات ڏاڍي ڪاري ۽ ڊگهي لڳي. هڏڪو دم ٿي گهٽيو. هڪليء جي ٽنهي وٽ ترانا بيخبر سمهي پيئي هئي. هوء ٿي ڪلاڪ ٻاهڻ ملڻ جو ڪم ڪندي هئي. ٻه ڪلاڪ پڙهائيندي هئي. انڪانسواء ڪم به پڙهڻو پوندو هو. رات ٿيندي ٿي هوء ڏاڍو ٿڪجي پوندي هئي ۽ ڪاٺ ڪاٺي سمهي پوندي هئي. سڪول کلڻ کان اڳ ترانا ۽ راجو ڪاٺ ڪاٺي ڪجهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ڳالهيون ٻوليون ڪندا هئا. پــر هاڻي ڪيترن ڏينهن کان هنن اهي ڳالهيون نہ ڪيون هيون.

اڄ راڄوءَ کي ننڊ نہ آئي. هو پاسا بدلائيندو رهيو. جڏهن ڏنائين سڀ سمهي پيا آهن، تڏهن اُٿي وڃي لڙانا کي جاڳايائين. لڙانا ڇرڪ ساڻ چيو، ”ڇاهي؟“

”ضروري ڪم آهي!“

”صبح جو ڳالهائجِ. هينئر سمهڻ ڏي.“

”نہ، هنوقت ڳالهائڻو آهي،“ راڄوءَ جي آواز جو عجيب لهجو ٻڌي لڙانا اُٿي ساڻس گــڏ هلي. راڄــو هلندو ٽيليفون اوُٽ وٽ اچي بيٺو، جتي اڳي ڪاڏو ڪاٿي ڳالهيون ڪندا هئا. لڙانا مشڪي پڇيو، ”ٻڌاءِ اُهڙو ڪهڙو ڪم آهي، جنهن لاءِ اڌ رات جو اٿــاريو اٿيئي؟“

لڙانا سمجهو تہ اڄ بہ هر روز وانگر، راڄو کيس پيار ڪندو، پر راڄوءَ جواب جي بدران اڳيان وڌي کيس لڙار جي ڏار کان بہ لکي، ڇمات تڪاءَ ڪرائي ۽ آهستي ديپل آواز ۾ چيو، ”حرامزادي سڪول جي بهاني پنهنجن يارن منل ۽ گنگاڌر سان ھيٺي ملين ۽ منهنجي اکين ۾ ڌوڙ ٿي وجهين؟“

لڙانا سراپجي ويئي. اکين ۾ آنسو لڙي آيس. ڳل کي مهٽيندي چياءِ، ”نہ، مان ٻارن کي پڙهائيندي آهيان. تون انين ڪيئن ٿو سوچي سگهين؟“

”سڀ ڪوڙ آهي؟ مان هاڻي تنهنجا سڀ فند فريب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڻي ويو آهيان. اُن ڏينهن گنگاڌر سان گڏجي
سڪول ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪيم ۽ مونکي ٻڌايئہ تہ
ٻاهرڻ ملڪ جي نوڪري ٿي مليئي."
"اُن ڏينهن مون انڪري نہ ٻڌايومانءِ متان لڇمڻ
چاچا کي شڪ پوي ۽ هو ٻـرياڪر کي سڪول نہ
موڪلي....۽.... !!"

"۽ اُن سڪول لاءِ تون سيٺ متل سان مونسہ ٻہ
گهمندي وليُن." راجوءَ ترانا جي مڻهن تي زور سان
ٻي ٻہ چماٽ هڻئي.

ترانا سڏڪندي چيو، "نہ نہ، مان گهر ٻئي آيس،
نہ رستي ۾ متل مونُر هلاٽيندو گڏجي ويو. هن مون
کي ٻارهين ڪهڻيءَ جي مڻهن وٽ لاٿو. هن مونکي
اَصل هٿ ٻہ نہ لاتو. مون تي ڪوڙو اِلزام نہ هڻ. مان
فقط تهنجي آهيان راجو... راجو!"

"وتشيا... ڪسبڻ... بدمعاش،" راجوءَ ترانا کي
لتون مڪون هڻندي چيو، "جيڪڏهن تون سيان
ڪان سڪول ۾ پڙهائڻ وئينءَ تہ جان ڪڍي ڇڏيندوسانءِ."
چوندو راجو هليو ويو.

ترانا ڪيتري دير بعد اُٿي. اکيون اُگهيائين. وار ۽
ڪپڙا ٺيڪ ڪيائين. پوءِ ٻهليءَ جي ٿنڀي سان لڳي
راجوءَ جو انتظار ڪندي رهي تہ اچي تہ کيس سمجهي،
سمجهائي غلطفهمي دور ڪري. پر راجو نہ آيو. ٻئي
ڏينهن ترانا ڪم تان موڪل وٺي سڪول ويئي. اُتي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ وڇڙڻي هوس.

هي اسڪول بہ عجيب هو. نہ ڪرسيون، ميزون نہ ڊيسڪ بينچون هيون. اتي هڪ طرف بلڊنگ جي مرمت لاءِ سيمينٽ، سرون وغيره سامان هو. وچ ۾ پٽ تي ٻار ويٺا هئا. هن وقت اٽي ڪل ٢٥٠ هئا. هنن جي سامهون بورڊ وٽ ترانا بيٺي هئي ۽ سبق پاڙهي رهي هئي. اُنڪان پوءِ "وندي ماترم" ۽ "ساري جهان سي اڇا..." گيت سان اسڪول پورو ٿيندو هو، جنهن روز ٿيندو هو.

اڄ ترانا، راجوءَ جي حالت ڏسي اِترو تہ پريشان هئي جو سبق پورو ٿي ويو تہ بہ هوءَ خاموش ڪجهہ سوچيندي رهي. نيٺ هڪ ڇوڪري جي يادگيري ڏيارڻ تي سجاڳ ٿي ۽ قومي گيت "ساري جهان سي اڇا..." شروع ڪيائين جو سڀني گڏجي اٿي بيهي ڳاتو. اڍائي سؤ مسڪين ٻارن جو آواز هڪ للڪار بڻجي هوا ۾ لهرايو. اچانڪ ڪو پٽ ٽوءِ سڪول اندر داخل ٿيو. ترانا ڏٺو راجو غصي ۾ بورڊ ڏانهن ڊوڙندو پيو اچي. ايندي سان ترانا کي ڌڪو ڏنائين ۽ بورڊ ڪٽي ڦٽو ڪيائين. ترانا جي ڪرڻ سان ٻار ڊڄي ويا. گيت بند ٿي ويو. راجوءَ وڏي ٻن ٽن ٻارن کي لتون هنيون. ٻہ ٽي ڇوڪرا ڪري پيا. ڇوڪريون رڙيون ڪنديون ڀڳيون. اتري ۾ پٺ ٽوءِ ٻيا بہ گونڊا اندر داخل ٿيا جي ٻارن کي مارڻ لڳا ۽ ڪاپيون ڪتاب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بالڪ، اڳتي وڌ ۽ گوندن کي ماري ڀڄايو.“

اوچتو ٻارن ۾ جوش جي لهر ڊوڙي ويئي. فٽ ڀاڻ جا ٻار هئا بهادر ۽ همٿي، نڊر ۽ لڙاڪو. ڪن ٿي پلن ۾ قطار ناهي گوندن کي گهيري، جيڪو هٿ آين سو ويا مٿن سٽيندا. گوندن ڪجهه پل مقابلو ڪيو، پر ٻاڻبر هئا ۵، ٦ ۽ هيڏانهن هئا ٢۵٠ ٻار، سو اُتي ڀڳا.
ليڪن راڄو گهيري ۾ ڦاسجي ويو. هن لي پٿرن، ڪتين، وغيره جي وسڪار ٿي رهي هئي. اينتري قدر جو ڪيس ڪپ ڪيڏي ٻچاءَ ڪرڻ جي ٻه فرصت نه ملي سگهي. ٻچڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪياءِ، پر هيٺ ڪري پيو. ٻار هنجو مٿو ڦوڙڻ وارا هئا جو ترانا ٻچليءَ وانگر ڊوڙي آئي ۽ چياءِ ”نه، نه. جان ونڻ ٻاپ آهي. سڪول ٻچائي ورلو. هاڻي پٿر وغيره سڀ ڦٽا ڪريو.“

ٻارن ائين ڪيو ۽ پيهنجا ڪتاب کڻي رمندا رهيا. پر ترانا ڪين چيو نه ٻالڪو قومي گيت پورو ڪري پوءِ وڃو. راڄو بيهوش پيو هو. ٻارن قومي گيت پورو ڪيو. راڄوءَ کي هوش آيو. هنجي ڪن ۾ گيت جا هي لفظ پرڻ لڳا:

اي آب رودي گنگا،
وي دن هي ياد تجهڪو
اُترا تيري ڪناري، جب ڪاروان همارا!

راڄوءَ کي اُهي ڏينهن ياد اچي ويا جڏهن هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همدردي ظاهر ڪئي. ۽ ڪيس مدد ڪرڻ جو انجام به ڪيو. ليڪن مٿل کي رڌيا جي اِها ڌمڪي نه وٺي ته جيڪڏهن سڪول بند نه ڪرايو ته سيٺ جا سڀ ڌنڌا بند ڪرائي ڇڏيندس. مٿل ڀيو سڀ ٻڌي سگهيو ٿي پر نه ڌمڪي. اها ٻڌي مٿل مشڪير ۽ اُٺي رڌيا جي پني تُهري پيار سان ٻيائين، ”تون پنهنجو ماٿهو آهين. بي فڪر رهه. سڀ نيڪ ٿي ويندو، پر ڪجهه ڏينهن سانت ڪر. پندرهين آگست آزاديءَ جو ڏينهن گذري وڃڻ ڏي.“ رڌيا سيٺ جا شڪرانا مڃيا ۽ خوش ٿي موٽيو ۽ اچي پنهنجن سائين کي واقف ڪيائين.

رڌيا جي وڃڻ بعد مٿل ڪجهه سوچيو ۽ پوءِ فون ڪيو، ”ڇمن اسپتال مان ڇٽو آهي؟ هان؟ هڪ هفتي ۾ ڇٽندو؟ چڱو. ايندي ئي ڪيس موڪلج.“ ايترو چوندي مٿل فون ڪٽي رکيو ۽ گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو.

لڙانا سڄي رات اک نه لڳائي سگهي. راجو ته اڃا نه آيو هو. هن سوچيو، ”ڇا هوءَ اڪيلي سر ڪنيل ڪم پورو ڪري سگهندي؟ ڪڏهن پاڪي ڦٽڪارڻ لڳي ته منهنجي محبت ئي راجوءَ کي برباد ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن راجوءَ کي لڙانا سان سچو پيار هجي ها ته ڪيس سڪول ٽوڙڻ لاءِ اندر ٽپي اچڻ جي جرئت ٿئي ها؟ هي اُهو راجو ته نه هو جهڙڪي هن پيار ڏي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ۽ شادي ڪرڻ ٿي چاهي. هي جانور پنهنجو مقصد ٿي پلجي ويو. ڪيس ياد ٿي ڪونهي ته هي بمبئيءَ چو آيو هو؟ غم، غصي ۽ نفرت جا جذبا، لڙڪن جو روپ وٺي ٿرانا جي ڳلن تان لڙڻ لڳا. هنجا سڏڪا ٻڌي ڪسم وٽس آئي. آئت ڏيندي چيائين، "گهٻرائين ڇو ٿي؟ اڇي ويندو."

"نه،" ٿرانا غصي ۾ چيو، "مان هنجي شڪل به ڏسڻ نٿي چاهيان. بدمعاش! گندو!!" ڪسم ڪنجي ويئي ۽ ٿوري وقت ڪانپوءِ وچي سمهي پيئي. مگر ٿرانا سڄي رات نه سمهي. ليڇندي، ڦٽڪندي، روئندي رڙندي رهي.

ڏهه ڏينهن گذري ويا راجو نه آيو ۽ ٿرانا هاٺي صبر ڪري ويهي رهي. هيلتاءِ غصي ۽ نفرت جي باوجود ڪڏهن ڪڏهن چاهيائين پئي ته جيڪر راجو اچي ته هوءِ پنهنجو ڏوهه بخشائيندي. ڪيس پنهنجي سيني سان لڳائي هنجي ٿي ٿي رهندي. هيءَ دنيا ڪيتري وڏي، خوبصورت ۽ حسين آهي، پر راجوءَ ڪانسواءِ اَيرڳي ٿي لڳي. جڏهن راجو نه آيو تڏهن سندس لوم اِستريءَ جي دل آهستي آهستي جهڙي برف ٿي ويئي.

١٥ آگست کان ڪجهه ڏينهن اڳ گهٽيءَ ۾ ڏاڍو گوڙ ٿيو. ٿرانا باسڻ ملڻ جو ڪم پورو ڪري اچي ويٺي ۽ سڪول وڃڻ جي تياري ڪري رهي هئي ته گوڙ شور

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وروڌ ڪري رهيو هو. اڳي اٽين نہ هو. راڄوءَ جي ڇهاءَ سان سنڌس سڙ، هڪ وشواس سان پرڀور ٿي ويندو هو.

ڇا ڪيس راڄوءَ جي ضرورت هئي؟ ٽرانا جي اندر ۾ ويڙهہ چالو هئي. نہ، ڪيس اُن بدمعاش، ڇاقوباز گونڊي جي گهرج نہ هئي. راڄو...اڄ، اڄ...مان اڪيلي آهيان. مونسان نہ ڳالهاءِ، تون اهو ساڳيو راڄو تہ ڪونہ آهين؟... نہ نہ... پهاڙي جهرڻي جهڙا معصوم راڄو، مان توکي پيار ڪريان ٿي... توکي ڏڪاريان ٿي... تون ڪٿي وڃي لڪو آهين؟... سامهون اچ نہ؟... نہ اچ... مان توکي ڏسڻ بہ نٿي چاهيان... آهہ... راڄو... هليو اچ...!

شام جي وقت ٽرانا گهرانجي ٻاهر نڪري پوندي هئي. هڪ بي سڪون ٻيڙيءَ وانگر ڀٽڪي ڇشام خلق جي ساگر ۾ سمائي ڇڏيندي هئي ۽ ڀوءِ ڪيس ڪجهہ بہ ياد نہ رهندو هو. هوءَ ڪٿي ٿي وڃي؟ ڇوٿي وڃي؟ ڪنهنکي ٿي ڳولهي؟ سندس دل ۾ ڇاهي؟ هوءَ ميلن جا ميل پيٽي هلندي هئي. سڙڪ ٿي، سمنڊ جي ڪناري، بزارين ۾، وطن جي چانر ۾، اَڻ ڏٺل گهٽين ۾، آمدرفت جي شور ۾، سڀ کان واقف مگر سڀ کان بيخبر! پدهمجن ٿي سوچن ۾ سمائجي پيٽي هلندي هئي.

اچانڪ ٽرانا ڪجهہ ٻڌي رڪجي پيئي. هي آواز،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها اُڀري آواز، جڻ بنسريءَ، ڇهنگلن ۾ گـونجندي،
نديءَ وانگر ڳڙليندي، پهاڙي ماڻرن مثل ڪونيندي...
اُن جي لئه، جڻ سندس چيلهه جي چوگرد هٿ ورائڻ
آهي، جڻ هنجي دل ۾ ڏوري پئي چـڙهي آهي،
جنهن سان پڻ جي، هلندي هلندي اي اختيار هـوءَ
راجوءَ سامهون وڃي بيٺي.

ترانا ڪي ڏسي راجـوءَ ڪي لهرس اڳـرو. هنجي
اکين ۾ آنسو هئا. سندس مٿي ڪـان ڳاڙهن گــلن جو
وڻ هو، جنهنجي مٿان گهاڻن پتن جي اونداهيءَ مان،
پاسي واري بلڊنگ جي دريـن جي روشني ڇڻندي
پئي آئي. دريءَ وٽ بينل هڪ ڇـوڪري، هٿن
پنهي ڪي ڏسي رهي هئي. هنجي گهاڻن ڪارن زلفن
۾، سندس چهرو خاموش ۽ رازدار پئي لڳو. دريءَ
مان پيانو جو آواز پئي آيو. ڇوڪريءَ پنهنجي وارن
جي هڪ چڳ کي آڱـر ۾ وڙهيندي ڪنهن اونهي
ويچار ۾ غرق ٿي ويئي يا شايد پيانو جي ڌن ۾ لين
ٿي ويئي.

”ترانا...“ راجوءَ زور سان چلا يـو ۽ پئي هٿ
ڦهلائي اڳتي وڌيو.

۽ راجوءَ جي زور سان چلائڻ سان جـڻ ترانا جا
سڀ سپنا ٽٽي پيا. جڻ ڪنهن ظالم هٿ جي حرڪت
جي ڪري، هنجي ريشمي ڌاڳن جي اُٽت ڇڄي پيئي ۽
ڪجهه پــل اڳي واري منڙي ملاپــم دل، اوچتو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لال گلن جي وڻ وڻان موڙڻ لڳي. تارن جي جهڳٽن پنيان ڏيئي وت، اچا تاء کيس هوءَ ڇوڪري ڏسڻ ۾ پئي آئي- اندر ڪمري ۾ پيانو وڄائيندڙ، پيانو بند ڪري ڇڏيو هو ۽ هو ڏيئي وت ڪليل وارن واري ڇوڪريءَ کي پنهنجي آغوش ۾ آڻي، سندس اکڙيون چمي رهيو هو.

ترانا جي دل ڏپ ۽ نا اُميديءَ مان ڪنبڻ لڳي.

”راجو، منهنجا جهنگلي، مون وٽ موٽي اچ. هاڻي توکي ڪجهه نه چونديس. توکان معافي وٺنديس... راجو، عورت ڏاڍي عجيب آهي. هوءَ پنهنجي پريتم کي پکڻ جو روپ سمجهندي آهي. ۽ ڪير پکڻ جو روپ بگڙجندو ڪيئن ڏسي سهي سگهندو؟“

ترانا ۽ ڪسم ڪيتري رات تائين ڳالهيون ڪنديون رهيون. ترانا جون ڳالهيون ٻڌي ڪسم هنکي ٻڌايو ته ڪنهن وقت کيس به چرنا سان پيار هو، جيڪو هرميو فارميسيءَ جي ٻاهران سمهندو هو ۽ دڪي ئي ڪولي هو. مگر چرنا ڪسم جي محبت ٺڪرائي ڇڏي ڇو ته چرنا کي معلوم ئي ڪونه هو ته هوءَ رنڊا وت به ويهندڙ آهي. جيتوڻيڪ چرنا خود به رنڊيا جي سلامي ڀريندو هو. انڪري ڪسم کي سڀني مردن لاء نفرت هئي. هن چيو، ”آخر مرد پاڻکي سمجهن ڇا ٿا؟ جيڪڏهن زالون پنهنجو سرير وڪڻن ٿيون ته مرد به پنهنجي آتما

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جيڪڏهن تو مونکي همت لاٿو ته هڪدم هن چاقوءَ سان پنهنجو گلو ڪپي ڇڏينديس.“

چمن گهوري ڪسر کي ڏٺو. ڪيس هنجي ڇهري تي ڪمزوريءَ بدران هڪ اهڙو محڪم ارادو نظر آيو جو سندس وڏيل همت ڏهري ڏيري پنتي هٽي ويو. چمن کي پل ڪيس گهوری ڏٺو. هوءَ ڪپ پنهنجي گلي وٽ جهلي بيٺي هئي. آخـــر چمن اڪيـــون جهڪائي مشڪندو ۽ ٻڙ ٻڙائيندو هليو ويـــو. هنجي وڃڻ بعد ڪسر جو سڄو سرير ڏڪڻ لڳو، چاقو هيٺ ڪري پيس ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. لرانا ڪيس گلي لڳايو، آنسو اگهيائينس، پيار ڪيائينس ۽ شاباس ڏنائينس، ”بس ايتري ئي طاقت کپي ٿي. عـــورت پنهنجي عزت جي حفاظت ڪرڻ ئي اچي تہ دنيا جي ڪابہ طاقت ڪيس بي عزتو نٿي ڪري سگهي.“

ڪسر چيو، ”چمن جيڪڏهن مونکي ڇهي ها تہ سچ پچ مان پنهنجو گلو ڪٽي ڇڏيان ها.“

”شاباس! هاڻي هي منحوس ڪڏهن بہ پنيان نہ پوندءِ. پر تو چاقو ڪٿان آندو؟“

”لنهنجي راجوءَ جو آهي. سڪول جي ڪسيءَ مان لڌو هوم.“ ڪسر چيو ۽ هوءَ کلي لرانا کي گلي لڳائي چياءِ، ”اڙي ڪمبخت تونئي هاڻي راجوءَ ياد بہ ڪولهي. ايترو جلدي وساري ڇڏيئہ! مون تہ چرنا جون گاريون کائڻ بعد بہ کيس نہ وساريو آهي.“

اچي.“

”جنهنجي ڪناري تي هڪ ننڍو گهر آهي.“

”ها.“ ڪسم وراڻيو.

”۽ گهر جي در تي تنهنجو گهوڙو چرنا ڪڙو آهي.“

”هاءِ!“ چوندي ڪسم هڪدم، ترانا سان لپٽجي

ويئي ۽ سندس ڪنڌ وٽ پنهنجو منهن لڪائي چياءِ

”هاءِ توکي ڪيئن پتو پيو؟“

”ٻيا، مان عورت ناهيان؟“ ترانا چيو، ”مونکي خبر

آهي تہ سيڻي ڏالن جا سپنا هڪ قسم جا ٿيندا آهن.

هڪ ڏينهن مون بہ اهوئي ڏٺو هو، مگر اُن ڏينهن...“

ترانا جو آواز گهٽجي ويو، ”مونسان ڳنڍ راجو هو.“

نارمن پائنٽ تان ٿي، ترانا ۽ ڪسم سڙڪ پار ڪري

چرچگيٽ اسٽريٽ ڏانهن هلڻ لڳيون، جتي وڏيون

هوٽلون، دڪان ۽ اسٽور هئا. هلندي هلندي هو ٻئي

متل اسٽور وٽ رڪجي ويئون. متل ڊپارٽمينٽ اسٽور

جي شاندار ست ماڙ عمارت جي هيٺان هڪ وڏي خلق

ڪٺي هئي ۽ سڀ پنهنجو منهن مٿي ڪري ڏسي رهيا

هئا جتي ست ماڙ تي متل اسٽور جي چوٽيءَ تي

سيمينٽ جو هڪ ٻرفيءَ جهڙو گنبذ، بانس جي ڪاٺين

۽ بجليءَ جي تارن سان سٽيو پيو هو.

”هو ڏسو... هو ڏسو...“ هجوم مان ڪنهن چيو.

ترانا ۽ ڪسم بہ مٿي ڏٺو، ڪيترو پري فضا ۾ هن گنبذ

تي هڪ ماڻهو چڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن چلايو جو متي چڙهندڙ ماڻهوءَ جا پير، سچ پچ گنبذ جي چوگرد ٻڌل بانس جي لنين تان، ترڪي ويا هئا. هو پير ٽڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو، ڇو ته هاڻي سندس پيرن هيٺان ڪابه چيز نه هئي، جنهن تي اُهي رکي سگهي. تري ۾ ١٠٠ فوٽ هيٺ سيمينٽ جو فٽ پاٿ هو.

”سالو مرڻ ٿو چاهي،“ متل مذاق ڪيو، ”پئسن جي لوڙ لڳس. اسانجو ٻچليءَ وارو به ٻڌجي ويو ۽ متي نه ويو. ٻر هي بيوقوف چورڻ لڳو، مان مٿس نه به نيڪ، جي ٻچس نه به نيڪ، ٽوڪان ٻن ڏينهن جا پئسا وٺندس. مونکي هي اُحمق به هڪ ڏينهن ٿو لڳي، ها...ها...!“ متل زور سان کلڻ لڳو.

متي راجوءَ سرڪس جي کيلاڙيءَ وانگر اُلٽي ڪلابازي کائي پنهنجون ٻئي ٽنگون بانس جي لنين تائين آنديون. ٻر هن ۽ گنبذ جي وچ ۾ اڃا گهڻو مفاصلو هو.

”راجو! متي نه چڙهه،“ ترانا هيٺان بيني تي اهترو زور سان رڙ ڪئي جو آسپاس جا سڀ ماڻهو ڇرڪي ڪيس ڏسڻ لڳا. متل عجب ۾ پڇيو، ”ترانا، تون به هنکي سڃاڻين؟ مون نه ڀانيو تون بمبئيءَ ۾ ڪنهن به مرد کي سڃاڻڻ ٿي نٿي چاهين.“

”راجو... راجو...“ ترانا زور سان چلايو، جڻ هوءَ شهر ۾ نه، پر ڪنهن جهنگل ۾ هئي ۽ نه وري راجوءَ ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس ٻڌي سگهيو. ٽرانا متل کان پڇيو، ”متي وچڻ جو ڪهڙو رستو آهي؟“

متل وراڻيو، ”ڇري نه ٿيءُ،“ ۽ سندس هٿ زور سان پڪڙيائين، ”ست ماڙ ٿاءِ ته لفٽ وينديءَ آهي، پر گمبذ ٿائين ته ٻانس جي لنين جي آڌار ٿي وڃي سگهبو. اُتان هاڻي وچڻ، جڻ موت جي منهن وڃڻو آهي ڇو ته لنيون ڪيترن هنڌ پڇي پيئون آهن. سالو ٻجايءَ وارو ٺيڪيدار ڪو بي ايمان هو. هڪ ماڻهو ته ڪلهه ٿي ڪري مئو آهي. نڳر ٺيڪيدار پڇي ويو.“

”۽ اُن حالت ۾ نه هنڪي متي موڪلاڻ ڏنءِ؟“

”ڇا ڪريان؟ اڄ ١٥ آگسٽ آهي. ڇا منهنجي دڪان تي روشني نه هجي ۽ ٻين لکين دڪانن ۾ اُها هجي؟“

”ڪنهنجي پل ته جان هاڃي وڃي، پر تنهنجي گهر ۾ روشني ضرور هجي ۽ رڙنشو به!“

”مون ڪيس مجبور ته نه ڪيو،“ متل ٽوڪيندي چيو، ”هن متي وچڻ جي پنهنجي قيمت طلبي، جڏهن دنيا ۾ هر ماڻهوءَ جي قيمت ٿيندي آهي. ۽ مون اُها قبولي. اڄ لکين ماڻهو منهنجي دڪان جي روشني ڏسڻ ايندا، مان ڇا لڪي نراس ڪريان؟“

ٽرانا يڪدم پنهنجو هٿ ڇڏائي متل جي دڪان اندر ويٺي. متل ۽ ڪسم ڪيس سڏ ڪيا ۽ پنيان ڊوڙيس، پر هوءَ لفٽ هلائي چڪي هئي. ستين ماڙ تي پهچي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪايو. راڄيءَ چيو، ”ڊاڪٽر نه ضرور ويندس جو تون مونکي پيار ٿي ڪرين. ۽ شرط ڪٽڻ جي ڏينهن جي جوڙي وٺندس.“

”نه، مونکي ڏيکار نه ڪيو. تون ڪيئن... ڪلهه هتان ماڻهو ڪريو...“

”اوچتو هڪ هانس جي ڪانيءَ جي ٽڻ جو آواز ٿيو ۽ ٽرانا ڏنو راجو ڪلاهازي ڪاٽي ويئي گنبذ لي پهتو. هيٺ ماڻهن ۾ شور پيدا ٿيو جڻ ڪو سمنڊ گجي رهيو آهي. راڄيءَ هڪ لٺ سان، مٿل ڪانؤ کي تارن مان ڇڏائي هيٺ ڪيرايو. پوءِ هن ٻجليءَ واري جي بنايل ترڪيب موجب ٻيهي تارن کي گڏيو آهستي هيٺ لهندو ڪانئن تي لڏندو، بالڪنيءَ پرسان آيو، جتي ٽرانا هنجون لڳون جهلي ڪٽي بالڪنيءَ اندر ڪيون. هو پوءِ جلدي ٽي بالڪنيءَ اندر هليو آيو. ٽرانا هن کي ڪيتري دير ٻنهجي سيني سان لڳائي بيٺي رهي. محبت جون لڳل تارون ڳنڍجي ويئون.

هيٺ هزارين تماشبين تعريف پريا نعرا هنيا. راڄيءَ پوءِ ٻجليءَ جي ڪٻٽ ۾ هڪ سئچ دٻايو ۽ خوش ٿي چيو، ”ڏس ٽرانا، روشني آئي آهي.“ ٻيهي بالڪنيءَ کان ٻاهر ڏنو ته نه رڳو گنبذ ۾ سڄي ٻلب نگه ٻهڪي رهي ... ي. بتل جي ڊپارٽمينٽ اسٽور کان وٺي سو... ۽ ...ماري وارين هوٽلن لائين سڀ جڳهيون ... ي ... اٿيون.

ترانا جي اکڙين ۾ زندگيءَ جي روشني رقص ڪري رهي هئي. مشڪ ي راجوءَ جو همٿ لوڏائي ڇڏيو، ”اچ، هيٺ هلون.“ جڏهن ٻئي هيٺ لٿا، تڏهن سوين ماڻهو راجوءَ کي گهيري ويا. ڪيس ڪٺي نچڻ ڳائڻ ۽ نعرا هڻڻ لڳا. هو اڄوڪي شام جو ماڻهن جو هيرو هو ڇو ته هن روشني آندي هئي. هنبجي زندگيءَ ۾ اهتري ته اونده هئي جو اڄ هدن جيءَ پري روشني ڏسڻ تي چاهي. جڏهن ماڻهوءَ ڪيس ڪٺي گهمايو، تڏهن جڏهن هيٺ لاٿس تڏهن راجو ڪيس ڏسي دنگ رهجي ويو. سندس واڇ مان خوشيءَ مان چيخ نڪتي، ”مهاديو!“ هنبجي پرسان ني بختيار به بيٺو هو. ترانا پڇيو، ”هتي ٻمبئيءَ ڪيئن آيا؟“

”اِندور تائين سيٺ جو مال آندوسين، بختيار چيو هل ته ٻمبئيءَ جو آزاديءَ جو جشن ڏسي اچون.“

”هاڻي ڪيڏانهن ويندا؟“ راجوءَ پڇيو.

”هتان اِندور، پوءِ دهلي، پوءِ اَمرتسر ۽ پوءِ پناڻڪوٽ، پناڻڪوٽ بعد ڄمّن لوهين چاهيو لڏن، ڪيئن هلو ٿا؟“

راجوءَ ۽ ترانا هڪٻئي کي ڏٺو. ٻنهي جون اکيون خوشيءَ مان تارن وانگر چمڪڻ لڳيون. ترانا پڇيو، ”لاري ڪٿي اٿو؟“ مهاديو چيو، ”هوءَ سامهون بلڊنگ وٽ بيٺي آهي.“

راجوءَ ترانا کي چيو، ”راڻي هلين ٿي، پنهنجن مڻن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شرط ڪٽي اٿس. ٿورو وقت سيکيو آهي. بلڊنگ، ڪارخانا، بئنڪ، بزار، بجلي بلب، ليڪن روشنيءَ بنا هي سڀ بيڪار آهن. ۽ روشني رکو ۽ محنتي هٿ آڻي سگهن ٿا."

ترانا ٽپو ڏيئي راجوءَ سان گڏ لاريءَ ۾ ٿي ويٺي. منهن هيٺ ڪري بيٺي مايوسيءَ سان چلائي چيو، "ائين نه ڪر ترانا، مونکي پنهنجي قيمت ٻڌاءِ."

مهاديو لاري هلائڻ شروع ڪئي. ترانا مشڪي چيو، "منهنجي قيمت آهي، ٻڌن جي هڪ جوڙي ۽ ٻه محنتي هٿ!"

لاري بلڊنگ مان نڪري سڙڪ تي آئي ۽ اُن جي موڙ وٽ غائب ٿي ويئي. لاريءَ ۾ پهاڙ جي چوٽيءَ وانگر سامان رکيو هو، جنهنجي مٿان ترانا ۽ راجوُ هڪٻئي سان لڳي ويٺا هئا ۽ خوشيءَ ۽ پيار سان چمڪندڙ نيڻن سان هڪٻئي کي نهاري، پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هئا. ۽ هُدن ٻنهي سان گڏوگڏ سڙڪ به واپس وڃي رهي هئي. ماڙين، ميدانن، پهاڙين ۽ باغن مان لنگهندي، هڪ سهڻي ريشمي ربين وانگر کُلندي ۽ هڪ حسين جذبي وانگر چمڪندڙ، خوشيءَ سان ڀرپور فخرمند سڙڪ واپس وڃي رهي هئي.

راجوُ پنهنجي ٻنسري ڪڍي وڄائڻ لڳو ۽ مهاديو پرسان، بختيار زور زور سان ڪو گيت گنگنائڻ لڳو. ترانا خوشيءَ وچان جهُومي رهي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نذير ناز جو سفرنامو

# ”ڏونگر پون ڏري“

هن ڪتاب ۾ دهلي، بمبي، احمدآباد، آگرو، جيپور، الهاس نگر، اجمير شريف ۽ سهجپور جو حال احوال ڇڻ گهر ويٺي توهان پنهنجا مٺا مارو ڏسندا ۽ سنڌ جي ورهاڱي جي داستان تاريخي عمارت جو سربستو حال انڊيا جي گهرن جي رهڻي ڪهڻي سماجي عڪس ڇنڊيل آهن.

ڇاپي هيٺ

نذير ناز جو پهريون شاعري جو مجموعو
انسان جي جذبات ۽ احساسات سان پرپور
فڪر جي عميق گهراين جي حامل شاعري
هڪ ـڪ هڪ ڇڪ اَڇ سوز ۽ گداز
دل جي آهن ۽ دانهن جي موثر پڪار

**ڳوليان ڳالهيان ۾ لهان**

ڇاپي هيٺ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناري پبليڪيشنس حيدرآباد طرفانُ

برک ليکڪ

## "شرجيل"

جا ٻه اهنڊڙ ڪتاب

## الاڏاهي ٿيان ........

## ( جيون ڪٿان )

پيو شرجيل جو ناولٽ

## هوا جو وجود

ماڻهو چاهيندو ڪهڙو ٿي ڪجهه آهي
چاهيو هُن ٻه ڪهڙو هو
الائي ڇا چاهيو هو هن
محبت
دوستي
شادي
يا فلرٽ

جلد ٿي ناري پبليڪيشنس جي پاران ڇپجي پڌرا ٿي رهيا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "ناري" پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

1- هيل نه ڪو سنگ ڪاڻم (پهريون ڪتاب) 5/-
2- ڪل جا ڪستوري (ٻيو ڪتاب) 5/-
3- منهنجيون اکيون آليون (ٽيون ڪتاب) 5/-
4- ڏاهيون ڏک ڏسن (چوٿون ڪتاب) 5/-
5- مان آڪ جوڳن (پنجون ڪتاب) 6/-
6- آڇاپل ناري (ڇهون ڪتاب) 6/-
7- هڪ ڇوڪري هڪ عجيب ملڪ ۾ (ٻارن لاءِ) 2/-
8- سوني زنجير، ترجمو حميد سنڌي (ٻارن لاءِ) 3/-
9- راڻان جي رجپوت (ڪهاڻيون) حميد سنڌي 12/-
10- هيلو ڪو وري آ (ڪهاڻيون) نذير ناز 15/-
11- هٿين هٿ ڪڙول (جيل جي ڊائري) طارق اشرف 40/-
12- تو سنگ تو بن ڏينهڙا (انعام يافته) (ڪهاڻيون) محمود مغل 20/-
13- جهرٽا (ڪالم) نذير ناز 15/-

گهرائڻ لاءِ لکو:

پوسٽ باڪس نمبر 15، حيدرآباد سنڌ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديهي سندري اهم چند اپي جو شمار سنڌ ۽ هند جي برک ترقي
پسند ليکڪا ۾ ٿئي ٿو - بلڪ مان وڏي مان سان لکان ٿي ته ديهي
سندري سنڌي زبان ۾ اُڀريل ليکڪا آهي جنهن جا پنهنجيون
ڪهاڻيون، ناولن، ناٽڪن ۽ شاعري سان سنڌي زبان کي
اوج ڏيندي پئي اچي -

”پياسي ڌرتي پياسي ماڻهو“ (ڪرشن چندر جو ناول) آهي
جنهن جو ترجمو ديهي سندري ڪيو آهي - هي ناول
ديهي وڏاڻ سنڌي ادب لاءِ هڪ سهڻي سوغات آهي
سندس لکڻي ڏيهه ٻي ڀڃا دل ڪشي آهي - ناول هٿ ۾
کڻڻ پوري ڪرڻ کانسواءِ ڇڏي نٿو سگهجي -

انهيءَ ڀا ۾ هين عتابت سان گڏ هن کي بهترين ناول بطور
سوکڙي ڏنا ويا آهن، جيئن ته سنڌ ۾ ناول تمام
گهٽ لکيا ويا آهن - ۽ جيئن ته سنڌ ۾ ناول لکڻ جو
شوق پيدا ٿئي، انهي ڏکري هوريان هوريان
وقت سوريندي لاٽ ٻارينديءَ توهان آڏو ناول
پيش ڪيا ويندا -

نذير ناز

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book